# ساس سٽِي سکر.ڪام

www.sascitysukkur.com

# سچڻ ۽ ساٿيھ

## ڊجيٽل پبلشر

## سنڌي ادبي سنگت شاخ سٽِي سکر

www.sascitysukkur.com

# چيف ايڊيٽر



# عبداللطيف انصاري

0333-7146119

## هي ڪتاب، سنڌ جي وڏي ۾ وڏي ادبي سائيٽ

# وائيس آف سنڌ ڊاٽ نيٽ

## جي ٽورن سان پيش ڪجي ٿو.

# www.voiceofsindh.net

سچڻ ۽ ساٿيه، ڪنهن اٽاسي وسري،
حيف تني کي هوءِ، وطن جن وساريو.
“شاهه”

# بيت

تو کهڙي پچين ڳالھ، پرديسي پرين جي،
هوتيا هُت هميشہ، منھنجو من ملال،
سھڻل سندي سک ۾ هيٺا ٿيئڙم حال،
وِڇڙيا ويل اوڏي تہ بہ سمجھان سڄو سال،
وڃي پسان پرين کي کو والي ڪري وصال،
هو ڏک نہ ڏسن ڪوئي، سکيا هجن شال،
قرب پري ڪڇھري ڪا ڪريون قيل مقال،
مَڏيون مِڙئي مال، پوءِ صدقي ڪريان سھڻل تان.

پکيءَ جي پرديس جا سي مور نہ وسرن مون،
هڪ تہ پوليون پورن منڙيون پي سمھڻ نہ ڏي سونھن،
تن سپنن جي سيج سان منھنجي وِندر ۽ ورونھن،
قادر ڪجاءِ تون، منھنجو ميلو محبوبن سان.

پرديسي پکين جا مونکي پَل نہ وسرن پَک،
هلٽيون تن "هَنجَن" جون ۽ لوڏون لھن لک،
اداسي هي اک، تي وهائي نِنديون نير جون.

پرديسي پکين جا مونکي پل نہ وسرن پير،
مون ويٺي ويا ورهيہ تي جتي "هَنجَن" پيل هير،
مُندون موٽي آيون ڪئي آديسين اوير،
پرديسي پکين کي مون ساريو اڄ سوير.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

واريو واڳ وطن ڏي هاٽي دم نہ ڪريو دير،
غمن هِت "غريب" سان واري وڏو وير،
سھندو ڪيسين ڪير، هي دلبر درد فراق جا.

پکيءَ جي پرديس جا سي ولر ڪري ويا،
وجي سي ولائِت ۾ ٽانيڪا ٿيا،
مون کي پور پيا، اڄ انهن آديسين جا.

توسان ناتو نينهن جو تہ اَصلئون آ عجيب،
عاشق آ اوهان جو غلام رسول ”غريب“،
چورين ويڻا توکي، منهنجا روز رقيب،
متان هاڻ حبيب، تون ٽوڙين دل ”ٽالپر“ جي.

ٽوڙين دل ”ٽالپر“ جي متان محب مٺا،
تنهنجي لاءِ لالڻ مون سَوين سور سَٺا،
تنهنجي فرقت ۾ تہ مون ڏاڍا ڏک ڏٺا،
اُداسي اکين مان وڏا مينهن وَٺا،
جي تنهنجي قرب ڪُٺا، آءُ بہ هڪ اُنهن مان.

ڏورئون ڏنگ مَ مونکي قاتل تي قريب،
لاهيو سانگ سسيءَ جو ويٺو آ ”غريب“،
عاشق رهن جَيئرا، مِٺا سي مري بہ،
پلا مون نصيب، جي مارين مِٺا مونکي.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

# وايون

ڪونـــدر ڪنـــد ڪپـــائي پنهنجـــا، مـــانجهي مـــاڳ بچـــائي آيـــا.
نـــاتو نيـــنهن ســـان نيـــائي آيـــا.

اِنـــالحق جـــي نعـــري ســـان ســـوريءَ ســـپ ســـجائي آيـــا.
نـــاتو نيـــنهن ســـان نيـــائي آيـــا.

رَت جـــو ريٿـــو، دريـــا دولـــھ، پـــورب پاســـي وھـــائي آيـــا،
نـــاتو نيـــنھن ســـان نيـــائي آيـــا.

ڪَـــشتي ڪُـــن مـــان تـــاري تـــارو ســـاحل ســـاڻ لڳـــائي آيـــا،
نـــاتو نيـــنھن ســـان نيـــائي آيـــا.

تِـــن ڪـــي لَـــڪ واڌايـــون جيڪـــي سُـــڪ جـــي جـــوت جلائـــي آيـــا،
نـــاتو نيـــنھن ســـان نيـــائي آيـــا.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

ڪانٽي منجھ آه ڪاڻ او سائين!
ڪانٽي منجھ آه ڪاڻ!
موڳا وجھ نہ ماڻ او سائين!
ڪانٽي منجھ آه ڪاڻ!
پورا پئي پُڙ آڻ او سائين!
ڪانٽي منجھ آه ڪاڻ!
جاچي ڏس تون پاڻ او سائين!
ڪانٽي منجھ آه ڪاڻ!
ھوش بہ تون ڪر ھاڻ او سائين!
ڪانٽي منجھ آه ڪاڻ!
وڃي ويندءِ واڻ او سائين!
ڪانٽي منجھ آه ڪاڻ!
ٿِڦندئي ٿانئو ٿاڻ او سائين!
ڪانٽي منجھ آه ڪاڻ!

تي نہ صفا اٽڪاڻ او سائين!
ڪانتي منجھ آه ڪاڻ!

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

دل جا درد دل ۾ سانديو سور وتان،
ڪنھن کي ڪين چوان.

سينو سوز ساڙيو، نہ ٻاھر ٻاڦ ڪيان،
ڪنھن کي ڪين چوان.

من ۾ مچ مچن، پيو سورن ۾ سڙان،
ڪنھن کي ڪين چوان.

پلپل پور پون، پيو پورن ۾ پچان،
ڪنھن کي ڪين چوان.

دم دم توکي ساريو، تو سڪ ۾ سڪان،
ڪنھن کي ڪين چوان.

”توھر“ چون ٿا مونکي، ڪنھن کي ڪين وٽان،
ڪنھن کي ڪين چوان.

پنھنجا ”غريب“ غم ھي ويٺو لڙڪ لڪان،

ڪنهن ڪي ڪين چوان.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

ڏوٿيئڙن جي ڏيهہ منجهان، ويندا ڏولارن جا ڏينهن،
شاباس ڙي او! منهنجا شينهن!

ماروئڙن جي ماڳ مٿي، وسندا محبت جا ڪي مينهن،
شاباس ڙي او! منهنجا شينهن!

مشڪل ڪي ڏي منهن تون مانجهي، همت هاري ويهہ م هيئن،
شاباس ڙي او! منهنجا شينهن!

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

# ڪافيون

عشق! توبھ زاري زاري،
جڙ اکين مان جاري جاري.

پرين ذي مون پاتي جهاتي،
ڪُنڍڙيون جهڙيون ڪانَ وڪاتي،
نينهن جو نشو طاري طاري.

تنهنجا محبت هي مِهٽا سِهٽا،
لوڪ جي ليکي آهن لهٽا،
سِر تي تاج — خواري خواري.

ڪاڏو پيتو مور مون ناهي،
عشق جڏهن ڪان آيو آهي،
عمرائين مون گهاري گهاري.

نينهن "غريب" آ اوکو ڏاڍو،
وڻ وڍڻ لاءِ جيئڻ ڪو واڍو،
بار برھ جو باري باري.

ڪري ياد اڄ سي زمانا پراڻا.
سندم نيڻ آهن ٽيا آب هاڻا.

پرين پاڻ جيڪي ڪيو نسين ڪچهريون،
اڃا تائين مون کي سڄڻ سي نہ وسريون،
اهي هنڌ جايو ٿلها سڀ ٽڪاٽا.

جدا پاڻ جانب نہ ٿيندا هياسين،
پيا جام محبت جا پيئندا هياسين،
هئا مونکي وڻندا مِٺا تنهنجا ماٽا.

سَمو اڄ سو مون کي وري ياد آيو،
جڏهن تو ٿي مون کان مِٺا موڪلايو،
تڏهن نيڻ تنهنجا رُنا ها نماڻا.

جدائي جون ڳٽيون ڳري نيٺ ويندس،
”غريب“ هت غمن ۾ مري نيٺ ويندس،
سوين سور سيني ۾ آهن ساماڻا.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

اچي محبوب مون وٽ جي ٿئين مهمان بسم الله،
ڪيان ڪُل مال ۽ دولت صدقي جان بسم الله.

ڪسي دلڙي پوءِ دلبر! دغا دوکو رِوا ناهي،
نيائين توڙ جي مون سان مڃان احسان بسم الله.

ڪُسڻ کان مون ڪڏهن ناهي نٽايو نينهن ۾ سائين!

تِڪا يَل تير تبرن جا ڪَشي هڻ ڪانَ بسم الله.

مريضِ عشق کي ناهي طبيبن جي ضرورت ڪا،
سندءِ ديدار ۾ دلبر! ٿيو در مانَ بسم الله!.

وڃي جي تي پساهہ پورو ”غريب“ تنهنجي اچڻ کان اڳ،
قبر منهنجي متي پڙهجان اچي قرآن بسم الله.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

دلبر ايندا درشن ڏيندا،
محبت مُٺيءَ سان موٽي ملندا.

دردن ڪانپوءِ خوشيون ايندئون،
اڱڻ اسان جي عيدون ڏينديون،
پرديسي جڏهن پير پريندا.

رات اونداهي روشن ٿيندي،
چانڊوڪي پوءِ پکڙي ويندي،
ڪِرڙ ڪَنڌي تي ڪِرڻا پوندا.

رات ڪاري تي رڻ ۾ رولي،
سج نڪرندو پَرڙا کولي،
سورج مُکي پوءِ سِرڙو کڻندا.

”غريب“ جن لاءِ جان جلائي،
قرب ۾ ٽيندي پال پلائي،
سھڻا گڏجي سور سليندا.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

آئون ته رھنديس ڪا نه ھت ڙي اديون،
منھنجو وٺي ويا جاني جت ڙي اديون.

ڏيرن جي ته مون ڪا نه سمجھي زباني،
انھن جي ته ڏاڍي ڪيم ميزباني،
ڪندون ڪير خشڪا پيت ڙي اديون.

سمھڻ ساڻ مونکي وٺي ننډ ويئي،
وري ڪا نه مونکي سجاڳي ڪا ٿيئي،
موڳي ھئي ڪا منھنجي مَت ڙي اديون.

ڏنو تو آ دوکو نه کھٽو زمانا!
اسر ويل اوٺي اٿي ٿيا روانا،
”ڪَرھن“ ڪي ڪُرڪڻ جي نه گت ڙي اديون.

پنيور ۾ ھاٿي ھِتي پينگ آھي،
پنھون جي مان پويان، وجان تي ڪاھي،
روئان آئون ”غريب“ تي رَت ڙي اديون.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

وري مون کي مارو مٺا ياد آيا،
وڏا مينھن منھنجين اکين اڄ وسايا.

وسارڻ سان ڪنھن پر وانگي مون نہ وسرن،
اباڻن جا اُلڪا اندر ۾ ٿا اُسرن،
وڃان ملڪ موٽي، اھي روح رايا.

مُٺو من ھي منھنجو تہ محلن ۾ ماندو،
سنگھارن ڪان ڪنھن ڀي سنھيو نہ آندو،
ھِتان ڪانگ ڪيئي، اُتم او اڏايا.

سھيلين جي صحبت سندا سب سمان ڙي،
وڃي سي تہ واپس وطن مان ڏسان ڙي،
ھُتي ھيل ھوندا ھو ڏوٽي ڏڪايا.

ھِتي قيد ڪوٽن، نذر ھي نماڻي،
وٽي کو نہ مونکي ھتي جو تو پاڻي،
وڏا ويل مون سان عمر! تو وھايا.

ککر ڪُنڊ ڪان تي وٺو رات ڪڙڪي،
پکيءَ تي پکن ڏي وڃان شال ڦڙڪي،
اباڻن ”غريبن“ ھوندا ھَر ھلايا.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

جُڳائن تيو جاني نہ تو کي جفائون،
مِٺا مُرڪي مون سان تون ڪر ڪي وفائون.

سنڌءِ سک ۾ سُھٺا ويو سُک مون صافي،
ٻَڏي پنھنجون ٻانھون وٺان مان تو معافي،
ٿِيون گجي آھن ڪي مون ڪان خطائون.

سورن ۾ تہ سھٽا سچو سور آھيان،
ٿيو تنھنجي محبت ۾ مجبور آھيان،
وري ٿيون محبت جون مارن بلائون.

حسرت ۾ منھنجي ھلي وئي حياتي،
جيئڻ توري‍ۓ جاني تہ جيئري مماتي،
ھجن شال حق ۾ ڪي رب جون رضائون.

تو ھر دم ھينئون ھت حبيبن ڪي ساري،
”غريب“ ھت غمن ۾ تو تِن ڪي پڪاري،
ٿين شال پوريون ھي منھنجون دعائون.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

گھران تو دعائون ڪٽيون ھت ھميشہ،
سُکيا شال سھٽا ھجن ھُت ھميشہ.

حياتي ۾ ھر دم مزا شال ماڻن،
خوشين جا خزا ھُجن شال ساڻن،
خدا کان گھران تو نَميونِت ھميشہ.

سندس جيڪي دشمن وجن شال مري ڙي،
عجيبن کي اذيت اچي ڪين ذري ڙي،
پيارن جي پَرورَ رکين پت ھميشہ.

سندن دل ۾ منھنجي ھجي سڪ سمايل،
اکيون پيي رھن شال انھن جون اجايل،

رڪن چاهه مون سان منجهان چِت هميشہ.

ڪري قرب مون سان تہ ڪن ڪا وفائي،
”غريب“ سان غمن ۾ هجن حال پائي،
ڪريو ياد يارن رُئان رَت هميشہ.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

وٺي وو تہ ڪيچي هتان هوت ويئڙا،
روهن منجهہ رُلي ڙي هيٺان حال ٿيئڙا.

ڏيرن جي تہ ڏاڍي ڪيم ميزباني،
هيس ڙي تہ آئون بنهہ بيزباني،
اصل ڪان ڪي اوٺي دغا باز هُيئڙا.

ويا ڪيچي ڪَرها ڪلهہ را ڪاهي،
لُٽيو ماڳ منهنجو هتي هاڻ چاهي،
اديون مون سان قسمت وڏا ڪيس ڪيئڙا.

نڪي ڏوهہ ڪنهنجو لِکيو لوح لوڙيان،
ڏيو مان تہ ور وِر وَٺي واٺون وُوڙيان،
ٿي پايان مان پل پل لَڪن منجهہ لِيئڙا.

گذاريا جي ڏکّ مون نہ تا ڏينهن وسرن،
غمن جا ”غريب“ هي تَتا ڏينهن گذرن،
پنهل جا تہ پل پل مون ڪي پورپيئڙا.

ڏيئٽي ٽِئي تہ ڏي تون دل،
جواني ٿئي گهڙيون ڪي پَل،
متان پوءِ هٽين هٿڙا،
متان پوءِ هٽين هٿڙا.

دُک، درد اي دلبرا! ڪڏهن ساندي نہ هَن رکيا،
سڄڻ جيڪي هجن پنهنجا، اُنهن سان ئي آهن سَلبا،
سَلٽا ٿئي تہ ويهي سَل، متان پوءِ هٽين هٿڙا.

بنا ڪنهن لوڀ لالچ جي اسين ويٺا ونديون محبت،
مِٽي سان ٿَئي مِٺا ڏاڍي، چڪي ڏس تون چڱي چاهت،
ڪري جُز مان ٿي ساڪُل، متان پوءِ هٽين هٿڙا.

مِٺا مُنهن تون جي موڙيندين، هليو آئون هِتان ويندس،
ڏوراپا نہ ڪي تو کي ڪڏهن، آئون وري ڏيندس،
مِلٹو ٿَئي تہ آءُ تون مِل، متان پوءِ هٽين هٿڙا.

اوھين محب آھيو مغرور ماڻھو،
اسين عشق وارا مجبور ماڻھو.

اڪين مان جو آھي اوھان يار اوتيو،
اسان سوئي آھي نشو نينھن پيتو،
اسين آھيون محبت ۾ مخمور ماڻھو.

اوھانجن تہ وارن وڏا ونگ آھن،
وجھي ونگ ڏاڍا ھنيا ڏنگ آھن،
اسين آھيون چا ڪن ۾ تيل چُور ماڻھو.

اوھان جي آ عادت جفائون ستائڻ،
اسان جو آ شيوو وفائون نڀائڻ،
اسين سور سھندي بہ مسرور ماڻھو.

سڄو شھر آھي مون ڳوليو گھڻو ئي،
مليو "ٽالپر" کي نہ غمخوار ڪو ئي،
سَلي ويھي جنھن سان ڪي ڏک سور ماڻھو.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

وڃي ڪانگ ڪھجان، ھي نھينھن جو نياپو.
سوا تنھنجي سھٽا جڏو جيءَ جياپو.

ڏنم يار ڦيرا سوين تو اوتاري،
ڏٺم ڪونہ مُنھنڙو سڄڻ ڪنھن بہ واري،
متان محبت مونکي ڏيئن تون ڏوراپو.

سدا سور سيني اندر ٻاه ٻاري،
وڇوڙي ۾ دلڙي ڪري چا ويچاري،
متان اڄ تون دلبر هي لاهين لاڳاپو.

اندر منهنجي پلپل پون پور تنهنجا،
ويا وهم ويڙهي سوين سور تنهنجا،
خبر چا نه ٿيندو هن ڪان اڃانپو،

هميشه هجن شال قائم هي رشتا،
”غريب“ جا اڳهامي وڃن شال گفتا،
ازل ڪان اسان جو تہ آهي ڳنڍاپو.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

# دوها

ڏينهن ڏٺي جو ديپ جلايو، تو شهر ۽ واٽون ووڙيان،
ڪاٿ انهي جي، من کو محرم راز ملي، جنهن سان پنهنجو اندر اوريان.

هر ڪنهن پنهنجو سُر ڪنيو آ، ڪو نہ ٻُڌي ڪو ڪنهنجي تو،
مون جيان گهايل هر ڪو آهي، جو پِرت پچاري پنهنجي تو.

وڻ هتي ڪو اهڙو ناهي، هجي نہ جنهنکي لوڏيو واءُ،
هر ڪا دل آه درد جو ديرو، جو پيار جو هر هنڌ آ پڙلاءُ.

گهڙي، گهڙي ۾ ميل ٿين ٿا، گهڙي گهڙي منجهہ فراق،
ڪتي ڪتي آهن گيت خوشي جا ڪتي ڪتي ٿا چِڪن چاڪ.

سچ اُيري تو، سچ لهي تو، ڪانهي سچ کي ڳُتي ڪائي،
اسان جي اندر ۾ ته پارڻ پري تو، جو گهورن دل آگهائي.

پنهنجي آئون واٽ وٺيو وَيس ڪا نه هئي ڪا مونکي ڪل،
اوچتو آيو باز شڪاري، جهپي سان ويو جهٽي دل.

بنا ڏوهه جي قيدي بنيس ڪيڏا ڪيڏا آهن ڪلور،
هو، شوڪاري سان شوڪري ويو، آئون ڏسندي رهيس گهور.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

# گيت

سانجهي ٽاڻي ساجن ساري،
وينگس ويٺي واٽ نهاري.

رات اونداهي گهپ انڌيرو،
درد ڪري ويا دل ۾ ديرو،
قوهه جواني ويٺي ڳاري.

رات چانڊوڪي، تِڏڙيون هيرون،
ساجن بن دل، چيرون، چيرون،
ڪيئن اڪيلي گهر ۾ گهاري.

رات مينهوڳي ڪِنوٽون، گوڙون،
پيئي اڱڻ تي پائي ڊوڙون،
وِڌو وڇوڙي ماڳهين ماري.

رات سيارو، پارو پارو،
ڏيل ڏڪي تو، تو بن سارو،

ٿار وِڏو آهه ڏاڍو ٿاري.

آءُ ”غريب“ تون جلدي، تو بِن،
ڪريو قابو پنهنجو جوين،
وينگس ويٺي وقت گذاري.

# غزل

منهنجا مور نہ منهنجا نڪتا،
پنهنجا آخر اَهِنجا نڪتا.

دل ڪسي پوءِ دوڪا ڏيئي،
جنهن جا ها سي تِنهنجا نڪتا.

مون هو سمجهيو ماريو غيرن،
پردي پويان پنهنجا نڪتا.

مقتل مان ويا ليبر ڪِسڪي،
لاشا هِن جا هُن جا نڪتا.

رهبر رڻ ۾ رولي ويو پر،
رستا سارا سَهنجا نڪتا.

طوفانن مان پار پياسين،
اوچا ياڳ اسان جا نڪتا.

ستائي ستائي سدا تون زمانا،
ڇڏي نيٺ ويندا ھي بستي بيگانا.

وٺي راھ ٿيندا ھي راھي روانا،
۽ محبت ۾ مرندا تہ مُرڪي مستانا.

جتي پي تہ ھوندو او روشن ڏيئو ڪو،
اچي سر گھوريندا انھيءَ پل پروانا.

اسين وقت ساقي! گذاري وينداسين،
نہ رھندي ھي محفل نہ ڪي ھي پيمانا.

اسان وٽ اِشعارن جي محفل آ باقي،
اوھان جا اي ساقي! ھي فاني مئيخانا.

پڇي ٿي پري تون اسان ڪان اي، ناصح!
اسين دل جا آھيون ازل ڪان ديوانا.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

وٺي لڳي واءُ ھِت،
اڱڻ پرين آءُ ھِت.

وَسيو آهي وطن هيل،
سرها ٿيا سڀ ساهه هِت.

وڇوڙي ۾ آهن سور،
وصل ۾ آه راحت.

نہ ٿي چاڙهي ڪي رَسمون،
چري هوندا آ چاهت.

اُجها اچي اندر جي،
لڳل برهه باهه هِت.

✦ ✦ ✦ ✦

ڏکن جا ڀي - ٿي ڏينهن گهاري ويندا سين،
هي ڪشتي ڪُنن مان اُڪاري ويندا سين.

ڪنداسين نہ ڪنهن کي ڪڏهن منت يارو،
حياتي همت سان گذاري ويندا سين.

صفا سچ تہ ظالم کي منهن تي چئي اچ،
سدا هي تہ سوريءَ سينگاري ويندا سين.

هجي پل تہ ڪيڏو ٻہ پهرو پرين تي،

دري دل جي ڪولي نهاري ويندا سين.

ڪنديون نيٺ آهون اثر هي اسانجون،
اسان آسمان کي ٻه ڏاري ويندا سين.

”غريب“ ! اڄ غمن سان وڏي جنگ جوٽي،
جڏو جيءَ پنهنجو جياري ويندا سين.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

ڪيم رات ساري ستارن سان ڳالهيون،
پيارن، نيارن نظارن سان ڳالهيون.

ڪيون مون ڪونجن جي قطارن سان ڳالهيون،
ڪڏهن ڪوهسارن سان يارن سان ڳالهيون.

اسان سان عجيبن ڪيون هن هميشه،
تبر، تيغ، تيرن، ترارن سان ڳالهيون.

لڳي باھ ڪينجهر سڄي کي ته ويئي،
ڪيون مون جڏهن تي ڪنارن سان ڳالهيون.

هتي ڪو نه همدرد همغم ڪيون مون،
وڃي عاشقن جي مزارن سان ڳالهيون.

ڪري رازدان تو، ڪيان راز جون مان،
پين پيرن لاٽن، ليارن سان ڳالهيون.

خدايا! اڄ تنهنجي خدائي ۾ مون هٿ،
ڪيون حالِ دل جون هزارن سان ڳالهيون.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

تو ڪان سواءِ مان ٻه گهاري، سگهان تو.
دلبر هي دِلڙي ڏتاري سگهان تو.

سڄڻ ياد تنهنجي جا دل ۾ سمائي،
عجيبا! انهيءَ ڪي ٻه ٽاري سگهان تو.

سورن سندي هن ساگر منجهان مان،
حياتي جي ٻيڙيءَ اُڪاري سگهان تو.

اثر ڪان نہ آهن هي نغما مون خالي،
مئل دل اڃا ٻي جياري سگهان تو.

ٿئين تون جي سنگدل تہ ڇا ٿي ٻلا پيو،
گيتن سان ڏونگر ٻه ڏاري سگهان تو.

ڪري تو جو تو ڪان حقارت ”غريب“،
ائين مان ٻه ان ڪي ڏِڪاري سگهان تو.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

هن حَسين جي ناز کي سمجھي وڃو،
دل جھٽيندڙ باز کي سمجھي وڃو.

سونهن وارن اڄ ڪيو سينگار چو،
عشق وارا! راز کي سمجھي وڃو.

راڳ ٽا ڪيئي هتي ڳايا وڃن،
سوز واري ساز کي سمجھي وڃو.

وقت تو پلپل پڪاري دوستو!
”وقت جي آواز کي سمجھي وڃو.“

(طرحي)

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

اسان بي سُرن مان آ بيزار هر ڪو،
ڪري تو نفرت جو اظهار هر ڪو.

اسان جي نہ محبت جو ڪنهن وٽ قدر آهہ
تو ٺُڪرائي اسان جو هتي پيار هر ڪو.

اسان کي هتي سڀ ئي توهر چون ٿا،
خود کي سمجهي تو بيخار هر ڪو.

اسان کي هتي سڀ ستائن ٿا سهٽا،
سونهن جو سمجهي تو سردار هر ڪو.

هتي ڪو نہ همدرد همدم مليم اڄ،
”غريبن“ جو ڪونهي ڪو غمخوار هر ڪو.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

مرضي جو آن مالڪ منٿا تو تي ناهي منهنجو زور،
پيار ڪرين يا ڌار ڪرين، تنهنجي مرضي منهنجا مور.

پاڻ ڏاڍي سان هٿ اٽڪائي مون تہ برابر ڪئي ناداني،
پٿر سان جي شيشو لڳندو، پڇي ٽيندو آخر پور.

منهنجا دشمن تنهنجي دل ۾ دم نہ تو ڪان دور ٿين ٿا،
وهمن تو کي ويڙهيو آهي، چورين وينا تو کي چور.

آيس تنهنجي اوتاري تي، آسن جا آئون اُٿ قطاري،
منهنجو مدعائون پوريون ڪر نہ جيءَ جفا ۾ جانب جهور.

مون تہ تو کي گل ڏنا ها، تو سجايا مون لئہ خار،

وفا، جفا، سڀ عالم آڏو تارازي ۾ تنڪي تور.

ساقي! جلدي پيار ڪا سرڪي، مهمانن جي منهن مان نڪتو،
پير اندر مون جيئن ئي پاتو، مئخان ۾ هو ڏاڍو شور.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

آيو هوندو ڳوليو هوندئين،
مون کي نہ شايد ڏٺو هوندئين.

هو تہ برابر آ ماندو مون لاءِ،
جهوتون پائي پڇيو هوندئين.

خواهشِ وصل تہ هو رڪندو آهي،
ڪناره ائين ڪيئن ڪيو هوندئين.

ڪاش! ملي ها مونکي منهنجو،
ايترو تہ ضرور چيو هوندئين.

مون تہ ڪيون تي ڪئين ڏاڍايون،
سور صبر سان سٺو هوندئين.

دل جڏهن پيي پرجي آيس،
چُپ چُپ ۾ ئي رُنو هوندئين.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

اي گل! او مُکڙيون ۽ گلزار خدا حافظ،
خزان سان ٿي پيو اڄ تڪرار خدا حافظ.

ڪيم حق جي تقاضا هِت ته بنجي ويس ادا باغي،
منهنجا ساٿي! منهنجا سردار! خدا حافظ.

آهن مچ سچن ۾ مچن سان مون آ جوڙي جنگ،
منهنجا دوست! منهنجا دلدار! خدا حافظ،

مصيبت جي ڪوه ۾ ڏنو آهي، ٽپو مون اڄ،
منهنجا محبوب! منهنجا منٺار! خدا حافظ،

سورن جو ذڪر ڪيم اڇي سوريءَ ويئي آڏو،
هٽي نينهن جو نعرو ٽيس نروار خدا حافظ.

باغي جو مليو لقب، ڏني ويئي ڏيهه نيڪالي،
بغاوت جو وڏي واڪي ڪيم اقرار خدا حافظ.

اونداهي رات ڪاري سان، وڙهيس ڏاڍو صبح خاطر،
نه لڪيو آ زخمن جو نه ڪي اَذڪار خدا حافظ.

باغي جو جي پُڏو نالو ته ڪجو پيا ياد ”غريب“ کي،
آخر ۾ اها التجا آهي يار خدا حافظ.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

اهو الزام مون تي، ته مون آ خطا ڪئي،
چئو ڀلا کهڙي تو مون سان وفا ڪئي.

هر وقت تو سان رهيو ساٿ آهه منهنجو،
مگر چڱائي ناهي، تو مون سان اجا ڪئي.

تو وٽ محبت جو خزانو ڪٿل آهه،
مون ئي ته پيار جي پي آهي سخا ڪئي.

تو ئي ته سورن جو سامان ڏنو آهه،
مگر ماٺ مون پي آهي صفا ڪئي.

زبان سنڌ ۽ تي، آهي منهنجي شڪايت،
ڪڏهن ڪا نه مون ڪا تنهنجا گِلا ڪئي.

حريفن جي هشيءَ تي، تون ئي رتين تي،
صُلح جي سدائين، مون پئي صدا ڪئي.

رقيبن سندم سان رهيو ساٿ تنهنجو،
تو تان تڏهن پي مون جان پي فدا ڪئي.

چِنڻ جي، اها تنهنجي من ۾ مدعا آهه،
”غريب“ آهي، نباهڻ جي رسم پي ادا ڪئي.

✦ ✦ ✦ ✦

نه مون سان زماني ڪڏهن ڪا وفا ڪئي،
جفا، ئي! جفا، ئي! سدا پي جفا ڪئي.

نمازِ وفا مون نه آهي قضا ڪئي،
رسم هي نيائڻ جي مون پي ادا ڪئي.

ملي جُرم جنهن جي تي مون کي سزا اڄ،
خبر ناهه مون کي، مون ڪهڙي خطا ڪئي.

ڪڏهن ڪين مون آڪُسڻ ڪان ٽٽايو،

سدائين سِسي مون تہ تو تان فدا ڪئي.

تو ڪان بيڪ - محبت وٺڻ واسطي اچ،
سويلو سندءِ در تي سائل صدا ڪئي.

ستارن ئي چند ڪي آهي برغلايو،
حقيقت هي مون سان تہ ارض و سما ڪئي.

غمن کي عمر پر جي ساڻيڻ لئہ تو کي،
”غريب“! آهي دلڙي خدا هي عطا ڪئي.

✦ ✦ ✦ ✦

دل ڏيان دلدار ڪونهي ڪو،
هن زماني ۾ يار ڪونهي ڪو.

درد الفت ۾ تو روئندي گذاريان،
پيارو محبت ۾ قرار ڪونهي ڪو.

ڪوچ ڪريون هاڻ اچو اهلِ محبت!
پاڻ سان ڪنهن کي پيار ڪونهي ڪو.

واعدا هزارين، پورا نہ ڪيائون،
مون کي ڪنهن تي اعتبار ڪونهي ڪو.

جام تي جام جي ڪر ساقي نوازش!
هوش ۾ آهيان خمار ڪونهي ڪو.

حالِ دل هاءِ! اچ ڪنهن سان ڪريان مان،

هت ”غريب“ سندو غمخوار ڪونهي ڪو.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

تنها، تنها تاريڪين ۾ رستن تي مان رُلندو آهيان،
ديوارن کي درد ٻُڌائي، ڏار اُنهن ۾ وجهندو آهيان.

منهنجو سانول سوڍو سائين سالن کان آ وڇڙيل مون کان،
پنهنجي چنڊ جي ڳولا ۾ ڏس تارن کان آئون پڇندو آهيان.

هي سندر سپنا منهنجي من جا مونکان تي ويا چوري الا!
ساريون راتيون جاڳي آئون لوڪ سُتي پوءِ لُڇندو آهيان.

دردن جو آ دل ۾ ديرو، آهيان آئون ٿيو ديوانو،
ديوانن جي بستي ۾ مان روز ازل کان رهندو آهيان.

فرقت جا هي فاني لمحا، نيٺ ته واءُ وصل جو ورندو،
آس انهيءَ تي آئون يارو جُڳ، جُڳ، جُڳ ۾ جيئندو آهيان.

دنيا پهرين درد آ ڏيندي، پوءِ ڪندي آ ”ياسي“ گهوڙا،
دنيا جي هن حالت تي آئون روئي روئي کِلندو آهيان.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

اسان ڪان ڪڏھن بيوفائي نہ ٿيندي،
قَسم آھ تُنھنجو ٻيائي نہ ٿيندي.

ڪري توسان الفت جو اظھار ويٺس،
حقيقت حقيقي لِڪائي نہ ٿيندي.

مرڻ دم بہ تو کي پڪاريندو ويندس،
ڪڏھن ياد تُنھنجي ڀُلائي نہ ٿيندي.

دُکي آ جا محبت سندي دل ۾ دلبر،
اھا آگ ڪنھن ڪان اُجھائي نہ ٿيندي.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

ٽَڪرن کي ٽاڪي ۽ ٽوڙي بہ ڇڏبو،
تقدير پنھنجي کي موڙي بہ ڇڏبو.

محبت ۽ خوشين جو عَلم نيٺ سائين!
ھر ڳوٺ بستيءَ ۾ کوڙي بہ ڇڏبو.

هي آشيان اسان جو اُجاڙيو ويو آ،
همت سان پيهر سو جوڙي ٻه ڇڏبو.

جي پيچرو پُر خطر آ ته چا ٿي پيو،
تو لاءِ وڻ وڻ کي ووڙي ٻه ڇڏبو.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

پنهنجي سنڌ سان جند جڙي آ،
پاتي پاڻ ڪاٽ قرب ڪڙي آ.

تو سان ڪهڙي قيل ڪيان مان،
ڪيسين جي سان قيل ڪڙي آ.

ڏيئي اُڌما اڄ ٻه الاجي،
لُڙڪن جي چو لار لڙي آ.

سج ٻه اڄ اُداس لڳي پيو،
رات ڪا شايد سام سڙي آ.

رات ۾ مون سان شريڪِ غم آھ،
جو ھر ھنڌ ھاريل ماڪ ڦڙي آھ.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

چوڏھين جو مون ڏٺو چنڊ،
مون کي من ۾ لڳو مَنڊ.

منھنجا ويا ائين ڪُپي پير،
جئين جھنگ ۾ جھونو ٻيٽل ٻُنڊ.

مون تہ ٻيٺي جاچيو گھوري،
تارن مُنھن ۾ وڌو گھُنڊ.

دشمن ڪڪرن وانگي روز،
رستي ۾ ھَن وجھندا رنڊ.

ويٺو پلپل پيھان پور،
جيءَ تي چاڙھيو آئون جنڊ.

ڇا ڪان ايڏو آھين اداس،
ويھي مون سان ورہ ونڊ.

ڪاوڙ ايڏي نہ ڪر يار،

آءُ تہ ٿيون پئي ڪير ۽ ڪنڌ.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

جستجوءِ وصل ۾ وئي جان منھنجي،
ٿيندو ختم ھي ڪڏھن فاصلو.
”غريب“ سان ملي شال حُب مان حبيب،
سندم دل جو دلبر دلي دادلو.

سنڌءِ در تي سائل آ بيٺو بکيا لئہ،
سخي تي جي محبت لُٽائين تہ وہ واہ.
اڄ برباد منھنجي من جو ٿيو گلشن،
وري سوجي سھڻا وسائين تہ وہ واہ.

مون دلڙي ڏني تو درد ڏنا،
سور سوين تو سرد ڏنا.
تو دم دم تي نفرت ڪئي،
مون محبت جا تي وَرد ڏنا.

مون پيار ڪيو، تو ڏار ڪيو.
تو محبت ۾ لاچار ڪيو.
تو ھر دم تي حقير سمجھيو،
مون تہ تو کي دلدار ڪيو.

مون تہ پاڻ کي گھٽ ڪيو،
تو قرب کي آھي ڪَٽ ڪيو.
تون جيئن وٺي پيو تيئن ڪر،
مون تنھنجي نہ ڪو مٽ ڪيو.
مون صبر ڪيو تو جبر ڪيو،

تو بنا ڏوھ جي ڏمر ڪيو.
اسين ته ھر دم حاضر آھيون،
اسان کي جيئڻ امر ڪيو.

قريبن به آھي ڪناره ڪيو،
ڇڏيو ساٿ منھنجو ياڳن جڏھن،
وري اڄ ڪا تخليق تازي ڪيان،
وري درد دل ۾ جاڳن جڏھن.

سچو پيار پنھنجو مان پلٽي ڇڏيان،
اھڙي به مون کي ڪا مورت ملي،
لِکان روز آئون نوان گيت ويھي،
سُٺي سونھن واري ڪا صورت ملي.

اھي غلط فھميون اھي شڪ شھبا،
ائين يار الفت ۾ ٿيندو به آھي.
ڪبو ڏک جدائي جو ڪھڙو يلا،
وڳر کان ڪو وڇڙي ويندو به آھي.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

# نظم

## ”وطن“

وطن سان نه جيڪو وفادار ٿيندو،
اھو يار ڏاڍو ھتي خوار ٿيندو.

وطن جان پنھنجي وطن آن پنھنجي
وطن مان پنھنجو وطن شان پنھنجو
فدا سر وطن تان ھي سو وار ٿيندو.
جتن جاڳ پنھنجا وٺم واڳ پنھنجي
پلو پاڳ پنھنجو، مِٺو ماڳ پنھنجو
سدا سبز سائو ھي سو بار ٿيندو.
لنئون لات پنھنجي سچي بات پنھنجي
موذي مات پنھنجو اگر ساٿ پنھنجو
اجا عشق پنھنجي جو اظھار ٿيندو.
ججھي جوت پنھنجي مري موت پنھنجو
ڏسي ڪوتہ پنھنجو ھتي ھوت پنھنجو
سدا شاد ھر ڪو پڍو پار ٿيندو.
ھلي ھاڪ پنھنجي سُٺي خاڪ پنھنجي
پلر پاڪ پنھنجو، چِڪي چاڪ پنھنجو
”غريب“ جو جيڪو نہ غمخوار ٿيندو.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

## ”آديسين جا اَھنج“

ڪانگن آڏو ڪنڌ جھڪائي ھلندا ڪيسين ھنج ھِتي،
ديسي سھندا ڪيسين سائين آديسين جا اَھنج ھِتي.

سنڌ جا سڻ تون سڏڙا سائين ياڳ يلارا يٽ ـ ڏٽي،
تنھنجي سنڌ کي گھرج وري اڄ آھي ٿي او گھوٽ گھٽي،
ڏارين جي ھٿ ڏوڙ اڏامي، بستي ساري باھ ٻٽي،
پنھوارن جا پلپل پاپي ڏاڙا ڍياسي ڏوم ھٽي،
جام جڳھيون، پنيون ٻارا پيو پڻ ويا سي ڪوڙ ڪٽي،
تو کي سارين سانگي سھٽا صبح توڙي سَنجھ ھتي.

پنھنجي گھر ۾ پنھنجي شيءِ جا آحيون ٿيا اڄ پاڻ ئي چور،

ڪالھ هئا جي بُکيا بيحد ظالم سي ٿيا آهن زور،
ڏيساور مان آيا ڏيرا سنڌ امڙوٽ سيئي سؤر،
ڪير ٻہ تنھنجو پنھنجو ناهي، ڪنھن سان تون ڪو حال نہ اور،
ماٽ نہ ڪر تون مانجھي پنھنجو سرڙو سنڌ تان گھوري گھور،
تنھن ڪان پوءِ تون ماڻيندين، ير سُک سدائين سَھنج هتي.

ديس ٻہ پنھنجو تنھن ۾ ديسي سِڪندو رهي تو داٽي ڪاڻ،
ڏوٿيئڙن ڪان ڏاڍ ڪري، او ڪائي ويا سي پاپي پاڻ،
هيڏا پنھنجي هاڙيھ ۾ يرمور نہ سھبا هاجا هاڻ،
جاڳو جلدي ننڊ مان جوڌا، ويرين جا اڄ وَڍيو واڻ،
موڏي دشمن ماري سڀ تون، موج هتي پوءِ مانجھي ماڻ،
ڇڏ نہ تن کي تون ڇڙواڳي، هڪ، ٻہ يا ڪي پَنج هتي.

ماروئڙن جي ملڪيت مان، ير پاپي ويا سڀ پيٽ پري،
ڪڙمي پنھنجي ڪتنب جو هٿ پورائو پر ڪيئڻ ڪري،
ديسي جي هَن دل ۾ ڳٽيون، ٻارڻ تو پڻ روز ٻري،
هيڏي آفت هچاري هئہ سانگين سِر تان ڪيئڻ ٽري،
ظالم سارا ڏکي پوڙيو، سمنڊ جي منجھ سڀ تري،
ڪو يي دشمن ڪڙمين جو ير ڇڏڻو ناهي مَنجھ هتي.

دودي جي هن ديس ۾ دشمن ظالم ويا ڏس زور وٺي،
ماروئڙن جي ماڳ اندر تن شاهي مچايو شور وٺي،
"ٽيٽهيارن" جي "ٽين ٽين" هر هنڌ، خاموشي کي "مور" وٺي،
قسمت آئي تي ڪڙمين اڄ دردن وارو دور وٺي،
وانگيئڙن جي ويس جا ويري ٽاٽي تن کي تَنج هتي.

ٻاپاڻ جي پولي سان ڏس ظالم ڪيڏو زنگ رکيو،
سانگين وارا پوڪيل سائين، ڪائين ويٺا سنگ رکيو،
ديسين ساڻ دشمني جو ناهي تِن ڪو دنگ رکيو،
نظريا تِن جا نانگن جھڙا، ناهي تِن ڪو نَنگ رکيو،
هر هنڌ آهن ويٺا ويري، روپ هزارين رنگ رکيو.

سانگي پنھنجي ساٿيھ، ۾ رھندا ڪيسين رَنج ھتي.

مھمانن کي مان ڏنوسين، من تي ويا سي چوٽ چڙھي،
وانگيئڙن سان وير رکي سي ويري پيا ڪن وار وڙھي،
سانگين جن کي سام ڏنو، سي حملا ڪن ٿا ھاڻ ھڙئي،
سانگين جاڙي سينا سائين، سورن منجھ ويا صاف سڙي،
واندا ناھن وانگي منھنجي ويچارن کان وقت گھڙي،
”تازي“ بنا طلن جي ۽ ”دِدَن“ سونا سَنج ھتي.

پاپي پلپل پنھنجي گھر ۾ ھٽن ٿا ھِت گولي ڙي،
پاپاڻن کي پولڻ ٿتا پنھنجي ڏين ھي پولي ڙي،
ھا ڙيھ وارن جي سي رت سان، ڪيڏن ٿا ھِت ھولي ڙي،
ڦھري جا ھي قوم ڪِني آه نُونَ نِياڳي نَولي ڙي،
”غريب“ تن کان جان چڏائڻ ناھي سا اج سولي ڙي،
منھنجن مٽڙن ماروئن تي گوندر جا ٿيا گنج ھتي.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

## ”جهار“

اچي جهار پيئي اوير ڪان اُڏاڻي
سنياليو او سانگي! ڪرا ڪيت هاڻي

اچي پئي ڪروڙين ڪريو سا ته ٽولا
فقط تن ڪي آهي سندي سِنڌ گولا
لڳا سنڌ وارا سين ڪي ته سولا
ويا ڪي ته پهچي ڪي اچ يا سياڻي.
ڪري ينيگ ياٽا چڙيندي لُٽي سا
سندم گهٽا سانگي چڙيندي گهٽي سا
ڪڏهن جند هاڻي نه سائين چُٽي ڪا
چڙيندي هتي هاڻ داٽو نه پاڻي.
گهٽا سال پهرين اڏامي ها آيا
پري ڪان ته پاپين هتي پير پايا
ڏاڍا موڙ تِن پي اسان کي بَڌايا
صفا هي به ساڳي ڪني قوم ڪاڻي.
سچو پيو خدا جو پيو مُلڪ آهي
تڏهن به هچاري هتي خلق آهي
ڏني جنهن جي هر ڪنهن هتي جهلڪ آهي
هي آفت الا ڪنهن اسان ڏي اُماڻي.
سچي سنڌ تنهنجي پلارا پتائي!
پراون ڪان آهي پنهنجن لٽائي
هميشه هچارن هٽان تي ڪُٽائي
ڪٽيو نيڻ تو ڏي نهاري نماڻي.
اٿو ڙي! اٿو ڙي! سگهو هاڻ سانگي

اوھان کي ڏنگڻ لئہ اچي ويا ھن ڏانگي
"غريب" ھاڻ غفلت پوندي مهانگي
ڪٽي ھاڻ ھر ڪو ھتن ۾
ڪانياٽي.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

## ”اُٺ ! اُٺ! هي ڌرتي ڌو وري“

ڪانگن ڪيو آهه ڪِن هتي
وٽيون وطن ۾ ٽِن هتي
منجهه يار هاڙيهه هِن هتي
آواز آيو ڪو وري.
اُٺ! اُٺ! هي ڌرتي ڌو وري.

ڏارين سندي آهه ڏپ هتي
سُرندا وٽن ٿا سپ هتي
نانگن ڪي نيهي نِپ هتي
ويري نہ ڇڏ تون وو وري.
اُٺ! اُٺ! هي ڌرتي ڌو وري.

سانگي مثل ٿيا پوک جي
تنهن ۾ جا گُڏ هي روڪجي
سُڌرڻ نہ ڏيندي سو ڪجي
ڪر صاف سنڌ کي سو وري.
اُٺ ! اُٺ ! هي ڌرتي ڌو وري.

ڏاڙيل هن ڌرتي سندا
ٿيا سال ٽن ڪيئي ادا
پي ڪيس ٽِن ڪئيڙا ڪُڏا
سي چوٽ ڇڏجن چو وري.
اُٺ! اُٺ ! هي ڌرتي ڌو وري.

سورن ڇڏيا سانگي سٽي
ڏيهي ڏکيا ڏينهن ڪيئن ڪِٽي
پاپين سنديون پاڙون پَٽي
آٿيون ڏينهن سک جو وري.
اُٺ! اُٺ! هي ڌرتي ڌو وري.

اي وير منهنجا ور ڪٽي

ڪونڌر اُٿو ڪي ڪر ڪٽي
پنھنجا هٿن تي سِر ڪٽي
هن ڪان ڪندا ڇا پو
وري.
اُٿ! اُٿ! هي ڌرتي ڌو وري.
بي حس ٿي رهندا ڪيترو
۽ چُپ ٿي وِهندا ڪيترو
سورن کي سَهندا ڪيترو
بيدار ٿيو اڄ او وري.
اُٿ! اُٿ! هي ڌرتي ڌو وري.
ڏس ڏس هيءَ تو ڏي پئي ڏسي
سڀ ڪاڄ ويا هِن ڪان ڪسي
پاپين سندا پيرا پسي
چو ماٺ آه ڪئي تو وري.
اُٿ! اُٿ ! هي ڌرتي ڌو وري.
اٿ تون سِکھو سستي ڇڏي
تہ مورک وَڄن مَستي ڇڏي
ڪر پاڪ هي بستي ڇڏي
ڪر تون هڪل هو هو
وري.
اُٿ ! اُٿ ! هي ڌرتي ڌو
وري.
ساٿيھ سندي اڄ سار لھ
ديسين جي پڻ دلدار لھ
او سار تون هر وار لھ
اڄ ”غريب“ چوي تو وري.
اُٿ! اُٿ! هي ڌرتي ڌو وري.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

## "اٿو يارو جاڳو"

اٿي ڏس تون جاڇي
تون جاڇي ۽ واڇي
ته ويا گُم ٿي تارا
او تارا يي سارا
ڪُٺي رات آهي
ٿي پر - بات آهي
ڇڏيو ننڊ نياڳي
نياڳي - اياڳي
ڪريو ڪو
اوجاڳو.
اُٿو يارو جاڳو.

اٿي ٻُڌ ٻانگهون
آهن ٻانگن ۾ ٽانگهون
سڏن پيا تو ساٿي
هو ساٿي ۽ ياٿي
اها ڳهر ڳاري
جياري نه ماري
ڪريو ڪا سجاڳي
سجاڳي سياڳي
سَپو تو سياڳو.
اٿو يارو جاڳو.
اُٿي ٻُڌ هونڪارون
هونڪارون جهونڪارون
وڃن واڳ اٿاريو
اٿاريو قطاريو
ڏنارن جون سينديون
هي سينديون ۽ بينون
اها سُستي ساڙي
او! ساڙي نه چاڙهي
سڏن چو نياڳو.
اٿو يارو جاڳو.
هَرن ساڻ هاري
هو هاري ۽ ناري
هو ڏاندن جا جوڙا
هو جوڙا ۽ پوڙها
هي ڪڙمي ۽ ڪَرڙا
هي هاري ۽ هرڙا
هي مخلوق ساري
آه ڪِتئون قراري
اوهين يي ته جهاڳو.
اٿو يارو جاڳو.
اٿي وقت وڃي پيو

وڃي پيو وڃي پيو
تون ڪرڪا ڪمائي
ڪمائي چڱائي
اها آه تقاضا
تقاضا اسان لاءِ
ڪريو قرب ڪاندو
او ڪاندو نہ ٽاندو
جهليو گڏجي ڏاڪو.
اٿو يارو جاڳو.

اُٿي سِنڌ سجايو
سجايو وسايو
رکو سنڌ هي سائي
او! سائي سدا هي
چوان ٿو وري پي
”غريب“ هي غريبي
ڪريو هي ختم سڀ
ختم هي ظلم سڀ
اهو فرض آه لاڳو.
اٿو يارو جاڳو.

## ”ھي ديس“

ھي ديس سَتايل سانگين جو
ھي ديس ويچارن وانگين جو
ھي ديس ڏڪايل ڏانگين جو
ھي ملڪ محبوبن ماروئن جو
ھي ملڪ مٿن منٺارن جو
ھي ملڪ آ وَاڙين وارن جو

ھن ديس جي ڪھڙي ڳالھ ڪريان، ھن ديس جو ھيٺو ھاري آھ،
پر ڪان نہ ڪيندو ڪنھن جي ڪڙمي، پولي جنھن پاڄھاري آھ.

ھي ديس دولھ دلدارن جو
ھي ديس آھ ڏٽ ڏنارن جو
ھي ملڪ مٿن مٺارن جو
ھي ديس آ دودن، دودن جو
۽ جانب جوڌن، جوڌن جو
۽ سورھيہ سوڍن سوڍن جو

چا ٿي پيو ڙي ظالم! جي تو سوريءَ اڄ سينگار آھ،
پر ڪاڻ ڪيندو ڪنھن جي ڪڙمي، پولي جنھن پاڄھاري آھ.

ھي شھر سپيئي شھزادن جا
۽ سھڻن سانگين سادن جا
ھي ڪيت ڪُنبين جي ڪاڏن جا
ھي ويڙھا وانگين ويرن جا
۽ حشمت وارن ھيرن جا
ھي، جھڻ مڪڻ ۽ ڪيرن جا

هن هاڙيھ جي هر حق لئہ هر دم جنگ اسان جي جاري آھ.
پر ڪاڻ نہ ڪيندو ڪنھن جي ڪرڙمي، پولي پاجهاري آھ.

هي ڏيھ آ ٽوڏين ڏوٿين جو
هي ڏيھ آ ماٽڪ موتين جو
هي ڏيھ آ پاڪ ۽ پوتين جو
هي ڏيھ آ انهن انسانن جو
۽ سورهيہ سنڌ سرواڻن جو
جن ڏان ڏنو آ جانين جو

هت ”اهڙا“ ”تهڙا“ مور نہ ڪپن، چئو پول اهو چوڏاري آھ.
پر ڪاڻ نہ ڪيندو ڪنھن جي ڪرڙمي، پولي جنهن پاجهاري آھ.

هي ڏيھ آھ ڏاڏن مامن جو
هي ڏيھ آھ گُلابي گامن جو
۽ سادن، سودن طعامن جو
هي مُلڪ نہ آهي موذين جو
ڪنجوس ڪوڙن شومين جو
تِن لچ لُٽيندڙ لوسين جو

هن ديس جو دشمن دسٽو آ، جنهن باھ ظلم جي ٻاري آھ.
پر ڪاڻ نہ ڪيندو ڪنھن جي ڪرڙمي، پوي جنهن پاجهاڙي آھ.

جنت ڪان وڌ جايون هن ۾
گيت خوشيءَ جا ڳايون هن ۾
ڦورن کي ڏيون ڦاهيون هن ۾
هن ملڪ جو مٽ ڪو ملڪ نہ آھ
هن جهڙي ڪنھن جي جهلڪ نہ آھ
پي خاوند جي ڪا خلق نہ آھ

تنھن ڪانئر جو ڇڏ ڪنڌ ڪٽي، جو ملڪ منھنجي جو ماري آھ،
پر ڪاڻ نہ ڪيندو ڪنھن جي ڪڙمي، پولي جنھن پاجھاري آھ.

ھي ماڪيءَ کان وڌ ماک مٺو
ھي ساڻيھ صاف سنڌو سُٺو
آھ اھڙو تو ڪو ڏيھ ڏٺو
ياھ اھڙا ڪي تو ھنڌ ڏٺا
ياھ پنھوارن جا پنڌ ڏٺا
يا ديسي ڪي دلبند ڏٺا

ھر ڪنھن بنجي "ھوشو"، "ھيمو" جنڊڙي پنھنجي واري آھ،
پر ڪاڻ نہ ڪيندو ڪنھن جي ڪڙمي، پولي جنھن پاجھاري آھ.

ھي جھوپا جھونن جھانگين جا
ھَن سھڻن سادن سانگين جا
۽ ويرن وانجھين، وانگين جا
ھي گھرڙا گھوٽن چوٽن جا
تن مانجھين جا اٺوٽن جا
۽ "ھوشو" "دودي" پوٽن جا

ھت ڪو بہ "غريب" غلام نہ ھوندو نيٺ تہ اڇٽي ٻھاري آھ،
پر ڪاڻ نہ ڪيندو ڪنھن جي ڪڙمي، پولي جنھن پاجھاري آھ.

## ”جيئي سنڌو پنھنجو ديس“

پنھنجي عزت پنھنجي آنَ
پنھنجي شوڪت پنھنجو شان
پنھنجي محبت پنھنجو مانَ
پنھنجي الفت پنھنجو آر
پنھنجي پريت ۽ پنھنجو پيار
پنھنجي سِڪ ۽ پنھنجي سار
جيئي سنڌو ديس! جيئي وانگين وارو ديس!
پنھنجو جگر پنھنجي جان
پنھنجو نالو ۽ نيشان
پنھنجو دين ۽ پڻ ايمان
پنھنجي سونھن ۽ سينگار
پنھنجي ھنئين جي ھُٻڪار
پنھنجي قربت جو اقرار
جيئي سنڌو ديس! جيئي وانگين وارو ديس!
ٽوپي سنڌي سھٽي يار
آھي جيءَ جو جنسار
اعلىٰ جنھن جو آہ وقار
موذين لئہ سا آھي موت
پائين مارو ھيرا ھوت
جن جا جلوا جوين جوت
جيئي سنڌو ديس! جيئي وانگين وارو ديس!
پَٽڪو صدري ڪُڙتو ڪانچ

اڇٽي ناھي تن تي آنچ
بيٺو جاني منھنجا جانچ
تِن جي لاڪيٽي ھي لوڏ
تن جي ھيبت ھاٽي ھوڏ
سھٽي سادي گندي گوڏ
جيئي سنڌو ديس! جيئي وانگين وارو ديس!

مِٽڙن ماروئن جو ماڳ
جنھن ۾ سھٽا ساوا ساڳ
جنھن ۾ جادو جھڙا راڳ
سُنڙا سيندين جھڙا ساز
جنھن ۾ نوريءَ جو آ نياز
ھي آه اندر جو آواز
جيئي سنڌو ديس! جيئي وانگين وارو ديس!

ھن ۾ سِنڌو جا سَرڙات
وه واه ويرن جا ور ڙات
جھڙا چيرن جا چمڪات
ھن جو پاٽي جھڙو ڪير
ھر ڪو وانگي آھي وير
جنھنجو چيتي وارو چير
جيئي سنڌو ديس! جيئي وانگين وارو ديس!

ھن جا گھرڙا گِليون گوٺ
اعلىٰ رھڻ جت اٺموٺ
رڪجان سُکيا سائين گھوٽ
منھنجا مِٽڙا مارو مور
سانگي سونھن ۾ سب ڪان زور
ٽيان تن تان آئون گھور
جيئي سنڌو ديس! جيئي وانگين وارو ديس!

پنھوارن جي ڌرتي پاڪ
جنھن جي ھر ھنڌ ھلي ھاڪ
”غريب“ چوي وڏي واڪ
جِئين جاني جوڏا جام

تِن ڪي سيد ڏيندو سام
دل ٿي پوڄي صبح شام
جيئي سنڌو ديس! جيئي وانگين وارو ديس!

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

## "مارو مرندي ڪسندي ماٽ"

ڪَيِءِ اوڏو - جاني جاٽ
سرديون گرميون ۽ سوساٽ
لوين وارن ڪي لوساٽ
لوين وارن ڪي لَپاٽ
وانگين ڪانهي ڪائي واٽ
ٽيڏا ٽندڻ آهن ٽاٽ
ڪوٽا هٽندي آيا ڪاٽ - مارو مرندي ڪُسندي ماٽ.
ساڳيون سج ۽ تارا چند
ساڳيون راهون ساڳيا رَند
ساڳين مشڪل ساڳين رَند
ساڳيا ٻانڌا ساڳيا ٻُند
ساڳيون جور جفا ۽ جَند
ڪوٺن دل ۾ ساڳيون ڪُند
ساڳيو آهي ڦاسي گهاٽ - مارو مرندي ڪُسندي ماٽ.
ساڳيون ڏيهن ۽ ساڳين رات
جهانگي پائين وينا جهات
تِن ڪي پيٽ ۽ تن جي تات
ڦهرين هَٽ ۾ آهي ڪاٽ
ڪجهه تہ ڪوليو گهوڙا وات!
ماريءَ ماري ڪريو مات

اُٿي جلدي اونده ڪاٽ ـ مارو مرندي ڪُسندي ماٽ.
ساڳيون پيٽيون ساڳيان هنڌ
آديسين کي آهي اَنڌ
وانگين لئہ پرواهون بند
ساڳين سورن منجهه آ سِنڌ
ڏاڍن جا پر پچو ڏنڌ
ڪونڌر پنهنجا ڪُهائي ڪنڌ
اوچو ڪريو پنهنجو ڳاٽ ـ مارو مرندي ڪُسندي ماٽ.
ساڳيا لاٿو ساڳيا چُڳهه
ساڳين اونداهي آه گُگهه
ساڳين گرمي پُوستہ رُڳهه
ڳوڙها ڳاڙيان وينو اُڳهه
پوٿو پاريو تيو نہ پُڳهه
ساٿي! ڪجهه تہ رکو سَگهه
لاهيو جلدي هي لُڙاٽ ـ مارو مرندي ڪُسندي ماٽ.
ڪيترين صديون گذريا سال
ڪڙمي اڄ پي آه ڪنگال
هيسيل پيسيل هيٺي حال
مارِين قُريو ماروئڻ مال
ماني ڪپڙو ناهي دال
ڪهڙي ڪهڙي ڪريان ڳالهه
هينئون منهنجو ڪائي ڦاٽ ـ مارو مرندي ڪُسندي ماٽ.
ٻنيون ٻارا ۽ واپار
ڏارين وٽ سي آهن ڏار
اڄان ساڳيون ڪيس ۽ ڪار
ڇا تو سوچين وينو يار!
جلدي ٿي وِٽ تون تيار
مارِ هي جهَٽ پَٽ جهرڪين جهار
پَٽ جي، پري ڪَاٿون پاٽ ـ مارو مرندي ڪُسندي ماٽ.
پنهنجو ديس ۽ پنهنجو ويس
پنهنجا خان ۽ پنهنجا رئيس

ڪڙمين تي پيا ڪن هو ڪيس
مارونڙن جي ماريل ميس
آديسي پيا ڪن سڀ عيش
ساٿي! ڏيئي پنهنجو سيس
ٻاريون اونده ۾ ڪالاٿ ـ مارو مرندي ڪُسندي ماٿ.

منزل ڏي تون منهن ڪي موڙ
ٺَڪرن ڪي تون ٺاڪي توڙ
تيزيءَ سان وچ پهچي توڙ
ويري ڪي تو هڻ وَٺهوڙ
پنهنجي قسمت پاڻ ئي جوڙ
تنهنجا ساٿي آهن ڪوڙ
ڪونڌر ڪوپا ۾ ڪنواٿ ـ مارو مرندي ڪُسندي ماٿ.

”غريب“ بنجي پئو سڀ غازي
يا تہ لڳايو سِر جي بازي
جيجل پنهنجي ڪريو راضي
سمجهو، سِياڻا نہ ڪري آزي
واڻ ئي پنهنجا بنجو قاضي
جا تا جاچيو پنهنجو ماضي
ڏاڍا آٽيو هيڻان ڏاٿ ـ مارو مرندي ڪُسندي ماٿ.

## ”صدقي سهڻي سنڌ مٿان“

پل اذيتون ايذاءُ اچن
پل تيغ تبر جا تاءُ اچن
۽ گهرا گهرا گهاءُ اچن
پل ڪاتيون ڪڙڪن ڪنڌ مٿان.
تہ بہ صدقي سهڻي سِنڌ مٿان.

پل تيرن جي وسڪار هجي
پل خوني سامهون خار هجي
۽ اونده انڌوڪار هجي
پل جورو جفا ٿئي جند مٿان.
تہ بہ صدقي سهڻي سنڌ مٿان.

پل ويرين جا وڏ وار هجن
پل خنجر آروپار هجن
۽ ٽُڪرا ٽُڪرا ٽار هجن
پل ظلم ٿئي سَنڌ سَنڌ مٿان.
ته به صدقي سهٽي سِنڌ مٿان.

پل چيرن جا چٽڪاٽ هجن
پل گولين جا گڙگاٽ هجن
۽ ٽينڪن جا ٽڙڪاٽ هجن
پل دونهان هجن ۽ ڌُنڌ مٿان.
ته به صدقي سهٽي سنڌ مٿان.

پل سورن جا سامان هجن
پل تيز تکا طوفان هجن
۽ ڦهري هٿ ۾ ڪانَ هجن
پل روه هجن ڪئين رَند مٿان.
ته به صدقي سهٽي سنڌ مٿان.

پل ڏينهن تتل يا رات هجي
پل ويرين وڏو واڃ هجي
۽ ڦهري هٿ ۾ ڪات هجي
پل ڳس تي هارين ڳند مٿان.
ته به صدقي سهٽي سنڌ مٿان.

پل سوريءَ پئي سينگار ڪري
پل قاتل پيو ڪنتار ڪري
”غريب“ تي ويري وار ڪري
پل تيپل رکن تَند مٿان.
ته به صدقي سهٽي سنڌ مٿان.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

## "اٿ جاڳ سنڌي"

هي ڏيهه سٺو
چَن چيهه سٺو
گُل ڳِيهه سٺو
۽ ساڳ سنڌي! اٿ جاڳ سنڌي!

هي سنڌ سٺي
مينهن مُند سٺي
گُلقند سُٺي
جهنگ جهاڳ سنڌي! اٿ جاڳ سنڌي!

مٿ مور نہ ڪو
تنهن طور نہ ڪو
هن حور نہ ڪو
مون ماڳ سنڌي! اٿ جاڳ سنڌي!

پَس يار پُٺا
سِنڌ سور سَٺا
ڏک ڏينهن ڏٺا
لنئون لاڳ سنڌي! اٿ جاڳ سنڌي!

وٽ وير ڀلا
دم دير ڀلا
ڪري ڪير ڀلا
اڄ آڳ سنڌي! اٿ جاڳ سنڌي!

ڏي جيت اهو
جنهن ريت اهو
ڳاءِ ڳيت اهو

رس راڳ سنڌي! اٿ جاڳ سنڌي!

| | | |
|---|---|---|
| جھٽ | ڪول | اڪيون |
| ڪَٽ | تيز | تِڪيون |
| پيچ | درد | دڪيون |

وٺ واڳ سنڌي! اٿ جاڳ سنڌي!

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٿي | شير | - | ببر |
| ڪري | زير | | زبر |
| ٻُڌ | ”غريب“ | | خبر |

پلو پاڳ سنڌي! اٿ جاڳ سنڌي!

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

## ”سنڌڙي تنھنجا پاڳ پلا“

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| ھي | وڻ | ٽڻ | بستيون | باغ | الا |
| ڪٿين | تو | ۾ | ڪبرون | زاغ | الا |
| ڪن | ”ڪُو | ڪُو“ | ڪوئل | ڪارا | تا |
| سي | سونھن | رکن | سڀ | سارا | تا |
| ٽا | طوطا | ”ٽِيون | ٽِيون“ | لام | لڏن |

سڀ پرندا گڏجيو گيت چون
هي مارئن جا سڀ ماڳ پلا.
ڙي سنڌڙي تنهنجا ڀاڳ ڀلا.
هت ساوڪ سنڙي سونهن پري
آه کهڙو وڏو پيو ديس وري
هي ديس سِندو مان ديس چوان
مان وانگين جو وَڏ ويس چوان
هت شيءِ ٿي سيڪا صاف سٺي
آه اهڙي مون ڪٿ ڪا نہ ڏٺي
سي ساوا ساوا ساڳ پلا.
ڙي سنڌڙي تنهنجا ڀاڳ ڀلا.
هت نڙ تي نغما بين وڄن
ٿا مُرلين تي ڪئين نانگ نچن
ڪو ”ڪوهياري“ کي چيڙي ٿو
ڪو ”راڻي“ مان رس ريڙهي ٿو
ڪو ”ڪُنڌين“ کي تو تيز تنواري
مارئي جيان ڪو مارو ساري

هي روح ريجهائين راڳ ڀلا.
ڙي سنڌڙي تنهنجا ڀاڳ ڀلا!
هي هيرن ڪان وڏ وانگيئڙا
سي سونهن پريا سڀ سانگيئڙا
مَٽ مارئن جو نہ ڀانيان ٿو
مان پيچ انهن سان پايان ٿو
ٽپ مينهن ٿئي جيئن مانڊوڪي
تيئن چهرا چمڪن چانڊوڪي
هي چوڙيلين جا چاڳ ڀلا.
ڙي سنڌڙي تنهنجا ڀاڳ ڀلا!
هي گوڏ پڌل سڀ ڳوناٽا
ٿيا سادا سهڻا صاف سياٽا
آه سنڌو جي گجگوڙ سُٺي

آه ملڪ جي هر شئي مون کي مِٺي
آه مون کي تن سان پيار الا
جي ناهي، تو کي اعتبار الا
تون جهاڳي سنڌ ڏس جهاڳ پلا.
ڙي سنڌڙي تنهنجا ڀاڳ ڀلا!

هي اعلىٰ سڀ انسان اٿئي
هي ڏولهه سڀ دهقان اٿئي
هي ويرين لئہ پڻ وير وڏا
هي چيتا چيرن چير وڏا
تو جنهن دم هي گجگوڙ ڪري
تو دشمن هَنگيو ڪوڙ ڪري
او جاڳيل تون اڃا جاڳ ڀلا.
ڙي سنڌڙي تنهنجا ڀاڳ ڀلا!

هي سنڌڙي جا سرواڻ الا
ڪا ڪين نہ ڪنهن جي ڪاڻ الا
هي هٿندو پوئتي مور نہ آه
ڪا منزل هن کان دور نہ آه
هن سر جي لائي بازي آه
اڄ ”غريب“ هر ڪو غازي آه
وه واه هٿ ۾ واڳ ڀلا.
ڙي سنڌڙي تنهنجا ڀاڳ ڀلا!

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

## ”مارئن جو قسم“

آه مون کي دودي جو قسم
هر هاري جوڌي جو قسم
۽ تنهنجي طوطي جو قسم
سهڻن سنگهارن جو قسم.
آه مون کي مارئن جو قسم.

سنڌ ديس جي سانگي مٽان
صدقي سدا صدقي وڃان
هڪ پير ۾ پوئتي جي هٽان
سانگين سچارن جو قسم.
آه مون کي مارئن جو قسم.

مان تنهنجي ٻولي کي لکان
مان تنهنجي ٻولي کي پڙهان
ان وعدي تان جي قِران
پيارن پنهوارن جو قسم.
آه مون کي مارئن جو قسم.

مان تنهنجو پاڻي تو پيئان
مان تنهنجي لئه ئي تو جيئان
مان تو کان باغي جي ٿيان
ڪينجهر ڪنارن جو قسم.
آه مون کي مارئن جو قسم.

مون تو ۾ ورتو آه جنم
هت تو ۾ کِليس ۽ رُنم
تو سان لڳي دلڙي ويم
ڪوجهن ۽ ڪارن جو قسم.
آه مون کي مارئن جو قسم.

مهراڻ موجن ۾ مگن
چم - چم چوليون ٿيون چُلن
جنت سنديون هيرون گهلن

دولهن دلارن جو قسم.
آه مون ڪي مارئن جو قسم.
تو سان ”غريب“ جي دل لڳل
او! دل ٻہ آ هر پل لڳل
سيني ۾ تون آهين سِبيل
هر بار هارين جو قسم.
آه مون ڪي مارئن جو قسم.

## ”ھي ڏوتي، ڏسي ڪو“

ھي مارو موچارا
ھي وانگي ويچارا
ھي سانگي سياڻا
ھي جهانگي جهوراڻا
ھي ڏوتي ڏسي ڪو! ھي ڏوتي ڏسي ڪو!
ھي سانگي سدائين
تون والي وسائين
نہ ڪن ڪي ھي ماڻا
ھي هر دم نماڻا
ھي ڏوتي ڏسي ڪو! ھي ڏوتي ڏسي ڪو!
ھي جهوپن ۾ جهولا
اتر ڪان ھي الا
ھي گهرڙا ڪڪاڻا

ھي پڪڙا پراڻا
ھي ڏوتي ڏسي ڪو! ھي ڏوتي ڏسي ڪو!
ھي پونگا ڪَڪن جا
تہ آھن لَڪن جا
پِٽن پر مِ ياڻا
ھي ڏوتي ڏيھاڻا
ھي ڏوتي ڏسي ڪو! ھي ڏوتي ڏسي ڪو!
ھي لاڪُر ڪا لانديا
نہ بنگلا وراندا
نہ سِر ڪان وھاڻا
نہ بخمل وِڇاڻا
ھي ڏوتي ڏسي ڪو! ھي ڏوتي ڏسي ڪو!
پيگل سب ھي پونگا
ھي پوڙا ۽ گونگا
ھي ڪوجھا ۽ ڪاڻا
ھي موتيءَ جا داڻا
ھي ڏوتي ڏسي ڪو! ھي ڏوتي ڏسي ڪو!
ھي جھڙا بہ تھڙا
ھي آھن بہ ڪھڙا
حُسن ھاڪ ھاڻا
مان گھٽ ڪين ڄاڻا
ھي ڏوتي ڏسي ڪو! ھي ڏوتي ڏسي ڪو!
ھي جيءَ جا جيارا
ٿيا مون کي پيارا
آھن راڄ راڻا
تو آئون سڃاڻا
ھي ڏوتي ڏسي ڪو! ھي ڏوتي ڏسي ڪو!
ھي منڙا مُھاندا
ھي جھڙا ”توراندا“
ھي چھرا چاندڻا
تا تمڪن ٽاندڻا
ھي ڏوتي ڏسي ڪو! ھي ڏوتي ڏسي ڪو!
بکيا يا ھي ڌائيا

نہ در ڪنهن جي آئيا
مِٺا مون اباڻا
سندم ساهه سيباڻا
هي ڏوٽي ڏسي ڪو! هي ڏوٽي ڏسي ڪو!
ليارن ۾ لوڏون
پِڊل جن ڪي گوڏون
پرين اُٿ پلاڻا
ڏيان تن اولاڻا
هي ڏوٽي ڏسي ڪو! هي ڏوٽي ڏسي ڪو!
هي نِرمل نظارا
هي وَلرن جا واڙا
هي ياڳين جا ياڻا
هي وه واه وٽاڻا
هي ڏوٽي ڏسي ڪو! هي ڏوٽي ڏسي ڪو!
مکڻ ڳيهه ڏونئرا
ڏيلها ڏَت ڏونئرا
لَيون ۽ پيا لاڻا
سيي مون سُجهاڻا
هي ڏوٽي ڏسي ڪو! هي ڏوٽي ڏسي ڪو!
اي منهنجا حبيبا!
هجن خوش "غريبا"
هي عرض مون اگهاڻا
ڪي اڄ يا سياڻا
هي ڏوٽي ڏسي ڪو! هي ڏوٽي ڏسي ڪو!

نوٽ: 2 اپريل 1972 تي حيدرآباد ۾ عوامي تحريڪ جي "هاري ڪانفرنس" ۾ پڙهي وئي.

## "مجبور مارو"

مون هاري هيٺي حال ڏٺا
مون ڪُڙمي ڪل ڪنگال ڏٺا
مون جوڏا منجهه جنجال ڏٺا

مون موذين وٽ مڻ مال ڏٺا
مون لُڇندي ڪيئي لال ڏٺا
مون ڪونڌر ڪُسندي ڪالهه ڏٺا
مون سانگين سهندي سور ڏٺا.
مون مارو اڄ مجبور ڏٺا.
مون وانگي ويڙها وير ڏٺا
مون تن کان کسندي کير ڏٺا
۽ تن کي لڳندي تير ڏٺا
مون نائيندي تِن نِير ڏٺا
مون ماس پٽيندڙ ”مِيَر“ ڏٺا
۽ پاپي پلپل ”پير“ ڏٺا
مون راڻا هت رنجور ڏٺا.
مون مارو اڄ مجبور ڏٺا.
مون پاپاڻن جا پار ڏٺا
سي انگ اگهاڙا يار ڏٺا
سي ٽرندي منجهه ٽار ڏٺا
سي ڳرمين منجهه مون ڳار ڏٺا
مون بيحد سي بيمار ڏٺا
۽ روئندي زاروزار ڏٺا
مون پوندي تن کي پور ڏٺا.
مون مارو اڄ مجبور ڏٺا.

## ”سنڌڙي“

سنڌڙي! تنهنجي شان جي خاطر سِر هميشه حاضر آهه.
بهشت کان وڌ آن بيشڪ، قلم لکڻ کان قاصر آهه.

ڪنڌ ڪٽي جو تو ڏي ڪڙڪي، ڪنڌ ڇڏيان آئون اُن جو ڪپي،
بازن وانگر ڪونڊي پٽي، جهٽ وٺانس آئون جهپي،
دشمن سَندي مُنهن تي دانگي، صبح سانجهي پادر آهه.

ڪنهن کي هاٺي آهي مجال، ڪري جو تو تي ڪوئي ڪاهه،
ڪو نه ڇڏيون هت جيئرو تنهن کي ڪڍي ونونس جلدي ساهه،
شيرن جيان ڪري گجگوڙ هر ڪو ماڻهو بهادر آهه.

جن پيي تو سان ڪئي غداري تن جو ٿيو آ ڪارو منهن،
جيجل! تو تان جان پيي ڏيندو هر ڪو هاڻ خدا جو سُنهن،
تو ڪان جيڪو باغي ٿيندو، سو ئي سوئر ڪافر آ.

هر ڪو تو سان پيار ڪري ٿو، پيار سان آهين تو پرپور،
هر هنڌ تو لئہ گيت ٻُڌان ٿو، تِن ۾ اهي ڏاڍو سرور،
مهراڻ جي مِٺڙين موجن ۾ پڻ پيار ڪرڻ جو تاثر آ.

هر ڪو ماڻهو تنهنجو محافظ دعاگو تُنهنجو گهوٽ پٽائي،
”غريب“ تو لئہ گيت لکي ٿو گيتن ۾ آ موج مٿائي،
تو ڏانهن ڪو ئي ڪونہ سنڊيندو، چاهي ظالمہ جابر آ.

## ”ڪا محفل مچايان“

اجا غم جو دل تي آهي غبار
اجا اک منهنجي آهي اشڪبار
ٿئي من ڪا موسم وري سازگار،
وري شعر ٺاهيان، وري گيت ڳايان.
وري گيت ڳائي ڪا محفل مچايان.

رڳو رج دل جي آ ڌرتي مٿي
صفا سچ دل جي آ ڌرتي مٿي
ٿين دور دل مان ڏُکن جا انبار
هِنئين تان هٽايان وري غم مٽايان.
وري گيت ڳائي ڪا محفل مچايان.

اجا راڄ دل تي ٿو غم جو هلي
ٿنو ڪو بہ منهنجو ڪو چارو چلي
هٿي هول هِنئين تان وڃن سڀ هچار
پلا پاڱ پانيان نوان رنگ لايان.
وري گيت ڳائي ڪا محفلِ مچايان.

اجا منهنجون اکڙيون بہ آهن اُداس
جڏهن دور ديسين جي ٿيندي پياس

ڏھن خوب خوشيءَ جو ٿيندو اظھار
وري وار وڃايان ۽ سرڙو نمايان.
وري گيت ڳائي ڪا محفل مچايان.

اچا دؤر دل ۾ خزان جو ھلي
سدا باد - صر صر اچا ٿي گھلي
ڪلي باغ دل جو ٿ ٿيندو بھار
ڳلي ڳل ڪي پايان وري روح ريجھايان.
وري گيت ڳائي ڪا محفل مچايان.

سکيا ڪين منھنجا آھن سانگي ھتي
ڏسان تو ويڳاڻا آئون وانگي ھتي
وسن وير منھنجي وطن جا ولھار
نئين لنئون لڳايان اھو نينھن نيايان.
وري گيت ڳائي ڪا محفل مچايان.

اچا آھن جھانگين جا جھوپا جھُريل
ڏکن کان سي آھن ھميشہ ڏريل
ٿين مُلڪ منٿي ۾ موجون ملھار
واڏايون ورھايان خوش ٿي ڪلايان.
وري گيت ڳائي ڪا محفل مچايان.

ڏکن جا وجن ڏينھن جلدي ڪُٽي
وسن ڳوٺ واديون ۽ ھر ڪا گھِٽي
ٿئي من ڪا موسم وري خوشگوار
ڪي لوڏون لُڏايان ۽ جھولا جھُلايان.
وري گيت ڳائي ڪا محفل مچايان.

✦ ✦ ✦ ✦ ✦

”ھُن پار ساٿي پھچبو“

ڪجھ سوچبو، ڪجھ لوچبو.
هُن پار ساٿي پهچبو.

اي دوستو، اي ساٿيو!
اي هاٿيو، اي ياٿيو!
اي مانجهيو، اي وانجهيو!
اڄ هي همالپہ ڪوٽبو.
اي ديسيو، هم ويسيو،
جلدي ڪيو تڪڙا ٿيو
ڪا سُک سندي ساهي پٽيو
هر گز نہ ڪريو ڪوٽپو.
اي سورمو! جاڳي اُٿو
همت سندو سندرو ٻَڌو
راڳي ٿيو جهونگاريو،
اڄ روح راڳي ڦوڪبو.
سُستي ڇڏيو، چُستي ڪيو
ڪجھ پاڻ تي پي ياڙيو
منزل پو پنهنجي ماٽيو
خالي نہ هرگز موٽبو.
اونهو هجي تانگھو هجي
ڪيڏو بہ پل نانگو هجي
سِر جو نہ ڪو سانگو هجي
درياءُ ڪنان ڪو دَهلبو!
چو تا پلا ڪاهِل ٿيو
منزل طرف مائل ٿيو
چولين اٿر زائل ٿيو
طوفان کي پي روڪبو.
توبھ الا! توبھ الا!
چو تا ڏچو ايڏو پلاءِ
ڪيڏي هجي ڪا پي بلا!
اهڙو تہ پالو ٺوڪبو.

چولين سان ڪائبو ٽَڪر
ڪرڻ "غريب" ڪوئي فڪر
پيڙيءَ پڇي جي ٽي ٽُڪر
ڪنهن ڪانَهه ڪَنڌي ڇُهٽبو.
هُن پار ساٿي پهچبو.

✦ ✦ ✦ ✦

## "ٻڌي جو سڏ"

سِنڌڙي سڏي ٿي ماءُ اچ.
سندرو ٻَڌي تون آءُ اچ.
اُٿ جاڳ تون جوڌا وري
قادر ڀُٽاءِ دودا وري
سِر جا ڪيون سودا وري
مَاريون ملي شودا وري
گهرا ڏنا جن گهاءُ اچ.
سندرو ٻَڌي تون آءٌ اچ.

متحد ٿيو مهندار سڀ
ويچا وساري يار سڀ
ماريون ملي مُردار سڀ
ڏرتيءَ سندا غدار سڀ

سُک جو ڪٽون ڪو ساهه اڃ.
سندرو ٻڌي تون آءُ اڃ.

لائحہ عمل بدلي ڪيو
ڪم کي اوهين اصلي ڪيو
اصلي ڪيو، عملي ڪيو
عملي ڪيو، عقلي ڪيو
هِن يُونءَ خاطر ياءُ اڃ.
سندرو ٻڌي تون آءُ اڃ.

جنهن يونءَ متي ٽا پيا جيئون
اُن جو ئي ٽا کائون پيئون
اُن جون محافظ جي ٿيون
قومون ئي سي زنده رهيون
ڏئي مُڃن کي ٽاءُ اڃ.
سندرو ٻَڌي تون آءُ اڃ.

✦ ✦ ✦ ✦

## سنڌ ڌرتي جي ڀٽائي ڪي دانھن

# ”مون ڪي پاڻي ڪپي“

آئون آهيان اُڃي،
اي او يٽ جا ڌٽي!
مون ڪي پاڻي ڪپي،
سو ٻہ هاڻي ڪپي.

سُڪي پيو تو سکر
لاڙ سارو اُتر
ساڙيو سِم ۽ ڪَلر
گُهري تر تو پَلر
دانهي ڪُڙمي ڪمي
آئون آهيان اُڃي.
اي او يٽ جا ڌٽي.
مون ڪي پاڻي ڪپي،
سو ٻہ هاڻي ڪپي.

منهنجو سِنڌو سُتو
پيو آ سَارو سُڪو
چو آ مون کان رُٺو
تون تہ ڪر ڪو پَتو
چوان نِوڙي نَمي
آئون آهيان اُڃي.
اي او يٽ جا ڌٽي.
مون ڪي پاڻي ڪپي،
سو ٻہ هاڻي ڪپي.

منهنجا ٻچڙا رڙن
ڪاڻ سُرڪي سِڪن

مون لئہ ماندا ٿين
دانھون تو کي ڏِين
ڏئي مون کي چُمي
آئون آھيان اُجي.
اي او يٽ جا ڏٽي.
مون کي پاٽي کپي،
سو بہ ھاٽي کپي.

سنڌو! تنھنجي سُڪي
پيو تو ھر کو پچي
ھِن جون اوجون ڪٽي
آٽ موجون ھتي
بند سارا پچي
آئون آھيان اُجي.
اي او يٽ جا ڏٽي.
مون کي پاٽي کپي،
سو بہ ھاٽي کپي.

رکي سائو سدا
مون کي منھنجو خدا
وري گھر کا دُعا
اي يتائي يلا!
منت منھنجي مجي
آئون آھيان اُجي.
اي او يٽ جا ڏٽي.
مون کي پاٽي کپي،
سو بہ ھاٽي کپي.

✦ ✦ ✦ ✦

## ”مينهن جي تباهي“

مينهن چڙهيو هت ملڪ آ پوڙي
واٽون، وسيلا رستا روڙي
وٽن ٽٽن جون ٽاريون ٽوڙي
ڪڏون ڪوپا ۽ ترايون تار.
والي ولايت ڏي وچون وار.
پٽيون جايون گهر ڪري پيا
سوين ٽِن ۾ ماڻهو مري پيا
ٽانو ٽَپا پڻ جام جهري پيا
حالت بنهه هت آهي زار.
والي ولايت ڏي وچون وار.
ڳهٽيون گهر شهر ۽ ڳام
تارو تار آهن تمام
جرپسان تو هر هنڌ جام
آفت يا الاهي ٽار.
والي ولايت ڏي وچون وار.
رڍون، ٻڪريون مال مري ويو

ديس تان چڙ ڪو ڏِيو ڦِري ويو
وانگين سان هٿ ويل پري ويو
هر جڳهه منجهه آهن ڏار.
والي ولايت ڏانهن وڃون وار.

پوڪون ۽ فصل ٿيا تباهه
پنيون ۽ پارا لاهو لاهه
بک ۾ هر ڪو آهي پاهه
ڏيهو ڏيھ آهي ڏڪار.
والي ولايت ڏانهن وڃون وار.

پڪل پوڪون زير - آب
مرض ۽ موڙا بي حساب
بُرو تباهي جو آهي باب
ساڃيھ ۾ ڪو آڻ سُڪار.
والي ولايت ڏانهن وڃون وار.

بيماريون ۽ تَپ وڌي ويا
جيت بلائون سَپ وڌي ويا
موت جا هر هنڌ ڏپ وڌي ويا
گهَر گهَر آهي هي پڪار.
والي ولايت ڏانهن وڃون وار.

ڪرم ڪر تون هاڻ حبيب
توري ناهي ڪو طبيب
عرض ڪري تو هي “غريب”
دعا گهرن ٿا وڏا ۽ پار.
والي ولايت ڏانهن وڃون وار.

✦ ✦ ✦ ✦

## ”هاري“

ديس جا دلبر هاري يار
پوک پنهنجي سان رک تون پيار.

هيج مان هاري هرڙو ڪاهه،
چوکو رک تون تِنهن سان چاهه،
ڪڻ ڪُلهي تي هي ڪوڏار.

صبح سويرو ساجهر ساڻ،
وڃ تون ڪڙمي ڪم جي ڪاڻ،
پوک پچائي ڪر تيار.

هِت تيا تنهنجا سڀ محتاج،
تو تي پاجهاري جي پاجهه،
پيڙا ٽيندا تنهنجا پار.

اعلىٰ بيشڪ تون انسان،
مٽڙا تنهنجو هر هنڌ مان،
تنهنجو ”غريب“ آهه غمخوار.

✦ ✦ ✦ ✦

## ”شابس ڙي او منهنجا شينهن“

جِت ڏسو ڪا اونده پاٽ
ڪوڙي هٽو تنهن کي ڪاٽ
پاريو ڪائي روشن لاٽ
تي پوي بس يڪدم ڏينهن.
شابس ڙي او منهنجا شينهن!

هئي متان اڄ مُڪڙين ماڪ
آه رُني ڪا راڻي رات
حال هيڻو آ ۽ غمناڪ
غم متايو، جي غمگين.
شابس ڙي او منھنجا شينھن!
وار ڪيو آ ويري هيل
آئي وڙھڻ جي آهي ويل
دشمن جا اڄ ڏاريو ڏيل
"دودي" جا ٿيو جانشين.
شابس ڙي او منھنجا شينھن!
جاڳ منھنجا سائين جاڳ
ٽيڪم سان تون ٽڪر ٽاڪ
تنھنجي هر هنڌ آهي هاڪ
"هوشو" ڪيون ٿي هڪلون جيئن.
شابس ڙي او منھنجا شينھن!
"ڪلمي" سان وچ ڪري ڪاھ
"حيدر" تنھنجو آه همراھ
واليءَ تنھنجو واهي واه!
حشمت سان تون وڃانءَ هيئن.
شابس ڙي او منھنجا شينھن!
مسلم ماڻھن جو هي ماڳ
ياڳ پلو آه پنھنجو ياڳ
چير سان تون چڏ چيڙي راڳ
نصر من الله فتح مبين.
شابس ڙي او منھنجا شينھن!
اعلان اٿئي اھو "اندرا" عام
تون بہ بُڌي ڇڏ "جيون" رام"
بچڙا ٿيندا ۽ بدنام
چوڪو اسان جو سنگتي "چين".
شابس ڙي او منھنجا شينھن!
پڌرا تي پيا تنھنجا پول

ٻُڌ ڙي ٻوڙيءَ منھنجا ٻول
ڪيڏيا تنھنجا ھاٽي ٻول
جھل دٻ ۾ ھاٽي ٽارا ٽين.
شابس ڙي او منھنجا شينھن!

ڪاٽي تنھنجو ”بنگلاديس“
نينگر ھٽندئي ھاٽي نيش
پاٽھي پوندين تون ئي پيش
آھي اسان کي اھو يقين.
شابس ڙي او منھنجا شينھن!

”بس ڪريان ٿي ھاٽي بات“
وائي اھا آھي تنھنجي وات
ڪنڌ مٿان جڏ آيو ڪات
بند ڪر ھاٽي رينگٽ رين.
شابس ڙي او منھنجا شينھن!

منھنجي وطن جو شير سپاھ
ڏينھن ھجي يا رات سياھ
خدا سوا نہ ٻي پرواھ
اسلام اسان جو آھي دين.
شابس ڙي او منھنجا شينھن!

ھي شيرِ مجاھد آھي شير
ھن جو مَٿ ھِت آھي ڪير
دشمن ۾ آہ دڙڪي دير
تون نِيائي نازڪ نينھن.
شابس ڙي او منھنجا شينھن!

اڳيان ھجي پل اَجل گھات
ھوندا ھميشہ اوچا ڳات
”ٽالپر“ ھميشہ آھيون ٽات
”غريب“ ٿيندي فتح آمين.
شابس ڙي او منھنجا شينھن!

✦ ✦ ✦ ✦

نوٽ: ڊسمبر 1971ع ۾ هندوستان ۽ پاڪستان جي جنگ دوران ”ڍاڪا فال“ کان اڳ لکيل.

## ”جوڌن جي جيت“

جن ديس پنهنجي تان سيس ڏنو، سي مانجهي منڙا مُرڪن بيٺا.
جوت وڏي سان جانب جوڌا جنت ۾ سي جرڪن بيٺا.

سُک جو نيٺ تہ سورج نڪتو
پورب آخر پورب نڪتو

اڄ آزادي جي عالم ۾ سي ٽِڙيو ٽِڙيو ٽهڪن بيٺا.

رت تنين جي رنگ آ لاٿو
ڪونڌر ڪُسيا ڪونهي ڪاٿو

تن مرد متيرن مانجهين جا اڄ مائٽ مَرڪيو مرڪن بيٺا.

خانن خوشين سان سر خم ڪيا
مور نہ مانجهيءَ موت کان مڙيا

ڳاٽ اوچي سان ڳاڙها ڳيرو سوري ڏي سي سِرڪن بيٺا.

سچ جو ٻيڙو ٻڏندو ناهي
ترندو ترندو، ترندو آهي

اڄ ورهين کان پوءِ وڻجارا هي ڪُڏيو ڪُڏيو ڪُڏڪن بيٺا.

”غريب“ هٿ وسڪار وسي وئي
هاڙيھ ۾ هيڪار اچي وئي

ڄُرواڳ وَلر اڄ چالون ڏيئي، واديءَ واديءَ وَرڪن بيٺا.

✦ ✦ ✦ ✦

## ”ارض ـ بديٺا“

ارض ـ بديٺا مرحبا ـ مرحبا صد مرحبا.

تنهنجا مڙئي مرد و زن ـ سِر سان اٿن هر دم ڪفن
سي سڀ برابر با وفا ـ مرحبا صد مرحبا.

تو وٽ جيالا جي جيئن ـ ٿا سِر سندو صدقو ڏِيَن،
تن جا بُلند هَن حوصلا ـ مرحبا صد مرحبا.

تنھنجي زمين آ دل نشين - تون لاڙ ۾ جنت لڳين
پُر صحت تنھنجي آ صبا - مرحبا صد مرحبا.

تو تي اسان کي آ فخر - تون آن جوانن جو شھر
دشمن وجي ٿيندو فنا - مرحبا صد مرحبا.

جو وقت سيني ۾ آ دم - تو "ٽالپر" کائي قسم
سِر ساھ سڀ صدقي ڪبا - مرحبا صد مرحبا.

✦ ✦ ✦ ✦

نوٽ: 1971ع جي جنگ دوران لکيو ويو.

## "منھنجا صنم"

تنھنجي وڇڙي وڃڻ - سندا سور سھڻ
آھي زھر پيئڻ - مون لئہ موت اچڻ
اکين آب وھڻ - تنھنجي سڪ ۾ سڄڻ
ٿي شب روز رنم - اي او منھنجا صنم!

ھن ھيڏي دنيا - ۾ مون ٻيا ڀي ڏٺا
پر او منھنجا مٺا - تون آن دل جو صفا!
تنھنجي پيار ۽ وفا - تان ھي صدقي سدام
آھي سِرڙو سندم - اي او منھنجا صنم!

تو کي لوچي لھان - تيسين ڪين وھان
پيو سي سُور سھان - پر مان ڪين ڪُڇان
پنھنجي پَر ۾ پچان - گولي سارو جھان
تو کي دلڙي ڏنم - اي او منھنجا صنم!

منهنجو من آ مگن - مون کي تنهنجي لگن
مون کي ماٺهن چون - آهي راهه هي ڪٺن
پر آ منهنجو وچن - واريان تو تان هي تَن
تنهنجي تِر جو قسم - اي او منهنجا صنم!

دلبر دور ٿين - مون کي پور پون
هيئن هول هُرن - ۽ سوين سور سُرن
منهنجا نيڻ نِمن - مون تان ماٺهو کِلن
تو سان پيچ پاتم - اي او منهنجا صنم!

ڏينهن رات پرين - تنهنجي تات پرين
وائي وات پرين - مون هي لات پرين
اچ آءُ ته پرين - ڪريون بات پرين
اهڙي آس اٿم - اي او منهنجا صنم!

تون اچ پير پري - ايڏو گهار نه پري
منهنجي ڪين نه وسري - تو من ماندو مري
وئين چو ڏار ڪري - بره باه پري
اکين اَشڪ آيم - اي او منهنجا صنم!

✦ ✦ ✦ ✦

## ”هاءِ آئون ڪنهن سان مِلان“

جابجا تي ويون خوشيون، اڄ عيد جو ڏينهن سڳورو،
جهوم جهومان آه هر هنڌ تو لُڏي چڻ ڪو هِندورو،
ٺهڪ ٺهڪن جي مٿان پر ناحق مون سان آ نسورو،
لڙڪ لارون ٽا وهن، ڪو چڻ هجي يتيم چورو،
ميٺ محبت آه هر هنڌ ۽ ٻَڪ ٻَڪن ۾ ڏسان.
ٽا ملن اڄ عيد ماڻهو هاءِ! آئون ڪنهن سان ملان؟

هُل هنبوشي آه هر هنڌ ۽ گيت گڏجي ٽا چون
مُرڪ هر ڪنهن لب مٿي جيئن باغ ۾ ٽا گل ٽڙن
تِير تَبر نيڻ جن جا سي سُهڻا ٽا کِلن
پَيار سان ٽا پاڻ ۾، اڄ دوست دل وارا مِلن
دوستيءَ جي اڄ درياءُ ۾ پيار جو چوليون پسان.
ٽا مِلن اڄ ماڻهو هاءِ! آئون ڪنهن سان ملان؟

ڪونه آه غمگين ڪوئي تو اڄ هر ڪو کِلي
مسرت سان معمور ماڻهو تو اڄ هر ڪو مِلي
پاڪ پائي سيڪو ڪپڙا ڏانهن مسجد جي هلي
عيد مبارڪ! عيد مبارڪ! تو مِلي هر ڪو گلي
آئون زماني جو ڌڪاريل تو اڪيلو اڄ هلان.
ٽا مِلن اڄ ماڻهو هاءِ! آئون ڪنهن سان ملان؟

سڀ سنگتي پاڻ ۾ ٽا اڄ گڏجي هِت هلن
هٿ، هٿ ۾ ڏيو، ٽا هوٽلن ۾ هو وڃن
پرت جا پيالا پري ٽا پاڻ ۾ ويهي وندن
مست محبت جو درياء، آه هر هنڌ، موجزن
ڪونه آ ساٿي سڄڻ جنهن سان گڏجي مان ڪلان.
ٽا ملن اڄ ماڻهو هاءِ ! آئون ڪنهن سان ملان؟

پَڪين وانگي تو پسان، اڄ يار ولر پاڻ ۾
يوڳ چرچا ۽ پڻ لاڏ اُلر پاڻ ۾
پيار تن جو آ ائين جيئن مَڇي چُلر پاڻ ۾
ڪو نہ آھي ڪو تنھا، گڏ دلبر پاڻ ۾
ھڪ ٽيس آئون فقط جو اڄ ويڳاڻو وتان.
تا مِلن اڄ ماڻھو ھاءِ! آئون ڪنھن سان ملان؟

شادمانا چئو طرف، ھر ڪو اڄ مسرور ٿيو
ھر بشر بيحد گھڻو خوشين سان پرپور ٿيو
دلربا آھي نہ منھنجو، جي ڪوئي، دور ٿيو
”غريب“ اڄ ڏاڍو ھتي مجبور ۽ رنجور ٿيو
ڪونہ منھنجو ڪو مسيحو، ڪيئن ڪريان ڪاڏي وڃان؟
تا مِلن اڄ ماڻھو ھاءِ ! آئون ڪنھن سان ملان؟

✦ ✦ ✦ ✦

## ”حيدر جي ياد“

حيدر تون ڪي ھاريءَ ھر ھر سارين ٿا ھت صبح شام.
سيني سھڻن سانگين جا اڄ تو تي آھن سَو سلام.

ھر دم ھر ڪنھن مَن اندر ۾ تنھنجي ئي بس آھي تات،
واڳ وطن جي واري وئين تون وائي تنھنجي آھي وات،
سنڌڙي سائي آھي سائين گاھ گرڙ منجھ گولون گام.

سانگيئڙن جي سار لڏي تو سانگيئڙن کي آھين ياد،
تنھنجي ديس جا دشمن ديجي ويندا نيٺ تہ ٿي برباد،
سانگيئڙن جو سائو ساڻيھ سرور ڏيندو تنھن کي سام.

ڳوٺاڻن جون ڳالهيون ڪهڙيون ڳوٺاڻا بس سارو سُونَ،
هيرن جهڙا هاريءَ هي سڀ، ڪَس لڳي ڪو تن کي ڪو نہ،
ماروئڙن جا مٽ نہ ٻيا ڪي، صاف سچي آهنيئن تو هام.

جيءَ وجهي تو جوکي ۾ هو پاڻ پتوڙيو پنهوارن ڪاڻ،
دم دم تو کي دل سان دعائون ڪن ٿا ڪڙمي هاري هاڻ،
تنهنجا ڳُڻ ۽ ڳالهيون هِت ڙي ڳوٺاڻا ٿا ڳائن عام.

تو لئہ اڄ مان آيو آهيان عقيدت جا گُل کڻي،
وٽ وٽ اي تون سورهيہ سنڌ جا! جهولي پنهنجي جهَل کڻي،
سِنڌ ۾ تنهنجو روشن راڻا ناز وڏي سان رهندو نام.

سُک جو هت تون سج اياري وئين تون خود ٿي پاڻ غروب،
”غريب“ کي ڏيئي غم ۽ گوندر وئين، تون موت جو پي مشروب،
جنت ۾ شل تو کي مولیٰ جايون ڏي او! جاني جام.

✦ ✦ ✦ ✦

## ”ويو مسافر منھن مٽي“

ويو ڪري افسوس رحلت، لائق لاشاري اديب،
ويو ڏئي داغ - فرقت لائق لاشاري اديب،

ادب جي گلشن جو مالهي، مٽيادار هو ”رشيد“
ويو هتان تي سو رخصت، لائق لاشاري اديب.

ويران ويو ٿي آه چمن، ساهت سندو اي يار اڄ!
اعلىٰ ادب جي ڪئي خدمت، لائق لاشاري اديب.

ڪالهه جنهن مالهي ڏنو ٿي، آب ادب جي باغ کي،
ويو ڇڏي سو باغ تُرت، لائق لاشاري اديب.

ٿي ويو تائب شمس، ادب جي عالم مٿان،
ويو ڪري تاريڪ سخت، لائق لاشاري اديب.

آه هر دل ٿي فِگار ۽ چشم پڻ هي ٿيا نَمَ،
جوءِ ڇڏي ويو آه جت، لائق لاشاري اديب.

ملڪ ۾ ماتم مچي ويو ۽ روچ راڙو عام جام،
جڻ بپا ويو ڪري قيامت، لائق لاشاري اديب.

حق گو بيباڪ بيشڪ ۽ صاف دل پڻ هو صحافي،
ٿي رهيو سينگار - صحافت، لائق لاشاري اديب.

گهرج جنهن جي هئي گهٽي سو ويو مسافر منهن مٽي،

ڪجھ تہ ترسين ها تون وقت، لائق لاشاري اديب.

✦ ✦ ✦ ✦

**نوٽ: مرحوم رشيد احمد لاشاري جي وفات وقت لکيل.**

## آزاد نظم

### ”فاني زندگي“

اڄ حياتي آهيون،
سُڀان هجون نہ هجون،
هن فاني زندگي تي ڪهڙو اعتبار.
هي زندگي، چڙهندڙ ۽ لهندڙ وير جيان،
هي زندگي جلندڙ ڏيئي وانگي،

جا ڪنهن بہ لمحي اُجهامي ويندي،
اوچتو ئي اوچتو،
۽ هميشہ لاءِ خاموش.
هن زندگي جي شجر جون پاڙون،
ڪچيون آهن ۽ بي بقا،
شايد جلدي ڪري پوي،
ڪنهن سخت هوا جي جهوٽي جو تاب نہ سهي.
هي زندگي آهي ڪڙندڙ تاري وانگر
جو گم ٿي وڃي ٿو هميشہ لاءِ،
۽ اوچتو،
آڪاش جي اٿاهه ساگر ۾،
هن فاني زندگي تي ڪهڙو اعتبار،
هي زندگي ڇڙهندڙ ۽ لهندڙ وير جيان.

## "مطلبي دوست"

اوهين چئو ٿا جن کي دوست
تن ئي ڪاٽو منهنجو گوشت.
پنهنجن مون کي پٽيو خوب
ڦريو سُريو لُٽيو خوب.
پنهنجن پيتو منهنجو رَت
آئون ڪُڇان جهڙي پِت.
دنيا وڏي آڙيڪاپ
اسين اجا سادا صاف.
دنيا وڏي آه چالاڪ
اسين پٽ اجا خاڪ.
اسين جهڙا ڍڳا ڍور
مارين پنهنجا توڙي چور.
پنهنجن ڏنا پل پل پور
سيني ۾ آهن سَو سَو سور.
ڪنهن کي ڏيندس ڪنهن کي دانهن

پنھنجي ھٿ سان وڍيم پانھن.
دنيا ساري ڏوکو ڏوڙ
پائي ناھي تنھن ۾ ڪوڙ.
غم نہ ڪر تون ھاڻ ”غريب“
تنھنجو حامي پاڻ حبيب.
تنھنجو وارو ورندو نيٺ
ھوندا سيئي تنھنجي ھيٺ.
ڪندا خود ئي ھو اعتراف
تو کي چوندا ”ڪر تون معاف“.
ڪھڙي ڪريان تن جي ڳالھ
اوھين چئو ٿا جن کي دوست!
اوھين چئو ٿا جن کي دوست!

✦ ✦ ✦ ✦

## ”منهنجو لاش“

اهو وقت ايندو اهو دؤر ايندو
جڏهن هي ته پڇرو پڇي پور ٽيندو

پکيءَ تي پو آزاد ويندو اڏامي
ڪندو سو ته سرور سچي جي سلامي.

سادو صفا هڪ هوندو کٽولو
نه نئيو نه وڏو مگر سو وچولو.

انهيءَ تي هي بوتو پيل يار هوندو
دنيا لئه عبرت جو اظهار هوندو.

بنهه بند اکيون سنوان پير هوندا
مون جيان هتان سڀ رمندا ئي رهندا.

هميشه حياتي پلا ڪير هوندا
جڙيل هي جي پڇرا سي پڇندا ئي رهندا.

ڏسو ٿا جو پڇرو ٽيل پاش آهي
اهو ئي ته منهنجو ادا لاش آهي.

خبردار ڪو ئي متان لُڙڪ هاري
رواجي نه ڪو ئي چڱايون پچاري.

لَٽي لحد پوءِ وساري نه وهجو
اچي ”قل“ قبر تي پڙهندا ئي رهجو.

اها ننڊ منهنجي حقيقي ئي هوندي
نڪو ڏينهن هوندو نڪي رات هوندي.

نہ ئي وري ڪا بہ پرياٽ ٿيندي
پرھ ويل نہ ڪا پکين لاٽ ٿيندي.

نڪو ڏينهن هوندو ني سور پوندو
جڏهن هي تہ پڇرو پڇي پور ٿيندو.
اهو وقت ايندو اهو دؤر ايندو.

✦ ✦ ✦ ✦

## ”دنيا“

اي دنيا! تو تي تعجب آہ
هي مون کي پڇڻ واجب آہ

هن هيڏي تنهنجي بستي ۾
چو آهي هر ڪو مستي ۾

ڇا خوف نہ ڪنهن کي باريءَ جو
۽ ڪلر قبر ڪاريءَ جو

جو هر ڪو ڏيندو هينگ وتي
۽ ٽاڏون ٽپا ٽينگ وتي

آهي مستي دولتداري جي
۽ ياد نہ ڪنهن کي باريءَ جي

اڄ انسان، انسان جو قاتل آهه
۽ حق تي غالب باطل آهه

اڄ انسان، انسان جو ويري آهه
۽ چور بہ پاڻ ئي پيري آهه

بس اُبتي تنهنجي ڏيري آهه
يا مغز منهنجي ۾ ڦيري آهه

هئہ! جيترو يي افسوس ڪريان
سو ٿورو ٿورو ٿورو آهه

سمهندي هلندي سوچيان ٿو
مان پاڻ ئي پاڻ کي لوچيان ٿو

ڏس دنيا ڪتي بيٺي آهه
جو هر ڪو پاڻ ئي زورو آهه

۽ "غريب" حق جو گهورو آهه
جو درد جو هن کي ڏوُرو آهه

پيو هر ڪو پاڻ ئي زورو آهه
هئہ جيترو يي افسوس ڪجي،
سو ٿورو، ٿورو، ٿورو آهه

✦ ✦ ✦ ✦

## ”مظلوم مارو“

هاءِ سانگين جا ڪو سور سُٽي
۽ پلپل تن جا پور ڳٽي

هاءِ! ڪهڙي تن جي ڳالهه الا
آهي هيٺو تن جو حال الا

هي پيٽ بکيا ۽ انگ اگهاڙا
گهر ۾ تن جي گهوڙا گهوڙا

بُک ۾ ڪن ٿا ڪيهون ڪلڙا
روئن رڙن ٿا ابهم ٻچڙا

قسمت سانگي چلهه ۾ ٽاندو
ائين انهن جو اٽيو آندو

هت غريب هھڙا حال ڪيا
۽ ڪڙمين سان ڪئين ڪالهه ڪيا

هئہ! لَٽڪي ڪهڙا لال مئا
۽ ڀَٽڪي ڀَٽڪي مال مئا

منهنجن مارن نماڻن سان
هنن گوڏ ٻڌل ڳوٺاڻن سان

ٿا ڪيڏا ٿين ڪلور هتي

آه دردن ڪان دل چور هتي

منهنجا مارو آهن مجبور هتي
هئہ! ڪهڙي تن جي ڳالھ ڪيان.

آهن موتين جهڙا مارو ماڻهو
تن ڪي ٿو هت پيڙي گهاڻو

صبح هجي يا سانجهي ٽاڻو
ڪو نہ ڏِسن ڪو اَن جو داڻو

هاءِ الا! هي ڪهڙو هاجو
منهنجن منٺن مارن سان

هاءِ سانگين جا ڪو سور سُٺي
جي ويهي لِڪيا مون لُڙڪن سان.

✦ ✦ ✦ ✦

## مزاحيہ نظم

### ”جيئي چٽڻ جي هي دال“

(حيدرآباد جي مسلم هاسٽل جي روم نمبر 10 ۾ رهندو هوس. انٽر سائنس جو زمانو هو. هاسٽل جي ميس جي معيار کان متاثر ٿي هينيون نظم لکيم، جيڪو دوستن رات جي ماني مهل ڊائننگ هال ۾ ديوار تي لڳائي ڇڏيو. هاسٽل جا ڇوڪرا پڙهي ڏاڍو لطف اندوز ٿيا ۽ مون کي داد ڏنائون. ماني کائي ڪمري تي ويس تہ ڪجھ دير کان پوءِ هاسٽل انچارج جو نوڪر آيو، چيائين تہ صاحب ٿو

سڏي. ڇا وڃي ڏسان ته انچارج صاحب، جيڪو منهنجي ئي ضلعي جي هڪ روايتي وڏيرڪي خاندان جو فرد آهي، ڪاوڙ ۾ سخت ڳاڙهو لڳو پيو آهي. چيائين ته تو منهنجي بي عزتي ڪئي آهي؛ اهو نظم جيڪڏهن اخبار ۾ ڇپجي وڃي ته اسان جي ڪيڏي بدنامي آهي. جڏهن پڇائين ته ڪٿي جو آهين، ٻڌايومانس ته بدين جو. اهو ٻڌي ويتر وڌيڪ ڪاوڙيو ۽ حڪم ڏنائين ته آئون صبح جو 10 وڳي تائين هاسٽل خالي ڪري ٽپڙ ڪٽي وڃان. گڏوگڏ اها ڌمڪي به ڏنائين ته ”ڏسان ته تون ڪيئن ٿو مسلم ڪاليج مان انٽر پاس ڪري نڪرين“. هاسٽل نيڪالي جو حڪم ٻڌي ڪمري تي آيس ته منهنجي پارٽنرن حال احوال پڇيو. کين سچي حقيقت ٻڌايم. دوستن دلداري ڏني ته جيڪڏهن تو کي هاسٽل نيڪالي ڏي ٿو ته اسين سڀ هاسٽل ڇڏينداسين. هنن سيني وفد جي شڪل ۾ وڃي انچارج صاحب سان سخت احتجاج ڪري، منهنجي هاسٽل نيڪالي جو حڪم واپس ورايو. هن نظم پڙهڻ سان اڄ به ان وقت جو سچو پس منظر اکين اڳيان اچي ويندو آهي.)

ڇڻ قيدين جو هي ڪوٽ ميان
ٿا پئسن جا ڏيون نوٽ ميان
ته به ڪاڏي ۾ هِت ڪوٽ ميان
ڪَن ڏئي ٻُڌ جو هي سارو حال.
جيئي ڇٽن جي هي دال.
مانيون جهڙا نان الا!
ٿا ڪائين هي انسان الا!
بس! ڏاڍو هِت آ مَان الا!
ڪَهڙي پچو ٿا يارو ڳالهه.
جيئي ڇٽن جي هي دال.
سي سَڙيل ڪارا روٽ الا!
ٿا پيٽ ۾ وجهن قوت الا!
۽ آنڊن ۾ گڙ گوٽ الا!
ٿو ليکو اسان جو ٿئي لال.

جيئي چٽن جي ھي دال.
پوڙ ڦِڪو يا ڪارو آه
پر اکيون پوري ڪاٺو آه
ھي قسمت جو سڀ وارو آھي
بس ماٺ اسان جي آ في الحال.
جيئي چٽن جي ھي دال.
واھ جو پَٽ پَٽارو آه
ھر داڻو سچو سارو آه
بس! گھوڙن جو چڻ چارو آه

ماڻھو مان ٿياسين ڦِري مال.
جيئي چٽن جي ھي دال.
تو پَٽ ۾ ڪِڇرو ڪوڙ ڏسان
۽ پٽريون گردَن توڙ ڏسان
پوءِ آنڊن جي تو ڊوڙ ڏسان
تو جر اکين مان وھي جال.
جيئي چٽن جي ھي دال.
چانھ بس آ ڏوپ جو پاڻي
پيئندي پوي پيٽ ۾ گھاٽي
مَستيون ڪن ٿا چاٽي واٽي
وِجھون گچيءَ ۾ ويھ وال.
جيئي چٽن جي ھي دال.
ڪَن پُڇ ڪنھن ۾ ڪوپ جو ناھي
ٿانَو ھر ڪو ھٿ پيگل آھي
پئسا ويا سڀ ھي ڳرڪائي
چريو بنايو ٿا چلن چال.
جيئي چٽن جي ھي دال.

✦ ✦ ✦ ✦

## ”مُلان“

مُلن جي ٻه مخلوق آهي عجب.
هجي ماهه ”محرم“ ربيع“ يا ”رجب“.

مُلن کي ڪٿي شل نه ماني سُجهي.
بنا دير دعوت هو پهتا اِجهي.

نه ڏاڪون هڪ، پن مان ڏاپن اُهي،
سُتو جي ٿئي ها نه چاپن اُهي.

مُلي کي هڏو پل ته قاسي پوي،
تڏهن پي اٿڻ تي نه راضي ٿئي.

مُلو ڏس! ته ماڳهين تو پاٽي منگي،
”پکر“ چڻ کو واڙي ۾ بيٺو ڪنگهي.

مُلان ڪن سيئي واعظ وڏا،
مگر ڪم مُلن جا ته آهن جدا.

مُلن جي وڃي شال ماني ادا،
گهُرو مون سان گڏجي اوهين هي دعا.

✦ ✦ ✦ ✦

## ”چڪري“

زال: مون کي ”شاپنگ“ ڪرڻي آهي.
پهرين ساڙهي وٺڻي آهي.

مڙس: پھرين مون لئہ ڪچٽي ٺاھي،
تو ڪي موڪلي ڏيٽي ناھي.

زال: توکي موڪل ڏيٽي پوندي،
جي نہ تہ پنھنجي چڪري ٿيندي،
تو ڪي منھنجي مڃٽي آھي،
مون ڪي ”شاپنگ“ ڪرڻي آھي.

مڙس: چڪري ڪان مان ڊڄندو ناھيان،
ماٺ ڪر تنھنجي لاڪ نہ لاھيان،
تو ڪي ضد ھي چڙٽي آھي،
پھرين مون لئہ ڪچٽي ٺاھي.

زال: پنھنجو ضد مان ڪين ڇڏيندس،
تو لئہ ڪچٽي ڪين ٺاھيندس،
منھنجو نالو وڙھٽي آھي،
مون ڪي ”شاپنگ“ ڪرڻي آھي.

مڙس: ھن ڪي گھوڙا! ڪير سمجھائي،
سارو ويٽي لوڪ کِلائي،
تازو ھاٽي پرٽي آھي،
پھرين مون لئہ ڪچٽي ٺاھي.

زال: جيڏو چاھي رعب رکين تون،
جيڏا چاھي دڙڪا ڏين تون،
بندي ھر گز ھٽٽي ناھي،
مون ڪي ”شاپنگ“ ڪرڻي آھي.

مڙس: تو ڪي ھاٽي موڪل ڏيان تو،
تو سان گڏجي مان بہ ھلان تو.

تنھنجي ڪِٽ ڪِٽ ڪُٽنٽي ناھي.
پھرين مون لئہ ڪِچٽي ٽاھي.

✦ ✦ ✦ ✦

## ”محبوب جي مھماني“

خوب ڪئي مون خاطري، اڄ دلربا جي دال سان.
”ھيدو ڪُڪڙ“ ھڪدم اچي حاضر ڪيم ھن حال سان.

تي ياءُ ”ڪند بائي“ سندو ھُن ڪي وٽيو ڏاڍو گھٽو،
تي ابتدا دعوت سندس ڳُڙ جي پريل ھڪ ٿالھ سان.

ڏاڪون ڏڪي آندم گھٽا، جيڪي ھئا پرپور سڀ،
مرچون، متر، واڱڻ، ونگا، موريءَ بصر ٻي مال سان.

ماڏاڻ ھُن جي پيٽ ۾ مرچن جڏھن آني وڌو،
تي اگھيا ھُن لڙڪ لاڙي ليڙ جھڙي ٽوال سان.

ڪاڏا جڏھن ھُن طعام سڀ، آندن ڪيس ”ايجيٽيشن“،
ھرٽي جيان ھڪ دم اٽي چِرڪي پڳو تي چال سان.

ويھي رھيو سندرو ٻڌي، دلبر سندم در تي ادا!
مَس ٽاريو آ ”ٽالپر“ ، محبوب جو لب لال سان.

✦ ✦ ✦ ✦

## ”رسڪ“

اسان جي غذا او ادا! عشق آهي.
اوهان ڪي پلا چو ادا رشڪ آهي.

جڏهن يار جانب جو جلوو پسون ٿا،
نِرڙي تي اسان جي تڏهن خشڪ آهي.

چون ٿا تہ جنهن کي ”مُلان“ آبِ ڪوثر،
اسان يار پيتو اهو اَشڪ آهي.

اسان سان نہ محبت ۾ ڪوئي ٽڪرندو،
اسان جي انهيءَ تي ڪيل مشق آهي.

عجيبن اسان تي ڪيو رعب جنهن دم،
پڙهي پوءِ سورت اسان ڪِسڪَ آهي.

قريبن جڏهن پي ڪئي آه ڪُتائي،
ڪڏهن ين پولي اسان پِڙڪ آهي.

نہ سمجهو او سائين! ڪڏهن عشق سولو!
وڏي يار ڏاڍي اها ”رِسڪ“ آهي.

✦ ✦ ✦ ✦

## ”رنگروٽ“

وطن رُلندا گھِمندا گھمندا اھي رنگروٽ روزانو.
ٽِلي ٽرڙا اھي ٽيبدي گسائن بوٽ روزانو.
ڏسي ڪا چيڪڙي چوڙي ھو ڳانا ٽا ائين ڳائن،
جئين پر ”ھينگندا“ آھن خچر ڪي چوٽ روزانو.
”ڪھاڙي ڪٽ“ تہ قلمن سان ھزارين پيا ھلن ھر ھنڌ،
پايو، سي ٽا ماڻن رود، سوڙھا سوٽ روزانو.
ڪٽي ھو خير سان پوءِ ورن گھر شام جو واپس،
ڪُٽائي ڪَنڌ ڪِياڙيون، پُٺا پڻ ٽونٽ روزانو.

✦ ✦ ✦ ✦

## ”سچائي ۾“

ڪريو پاسو وڃن سنگتي سيي سارا سچائي ۾،
”ٽَڪي“ تي پي ٽتا پچن پيارا سچائي ۾.

اٿئون جيسين پريل ڪيسا ڏسون پڪچر ٽا روزانو،
سمھي ڪن ٽا ننڊون ڏاڍيون اسان پارا سچائي ۾.

ڏڪيو ڏاڍو تہ گذري تو پويون ھفتو مھيني جو،

وجھي فالون اسين ٽا پوءِ ھٹون ڏارا سجائي ۾.

ڪندا ھَن ڪمپني جيسين پساھ پاڪيٽ ۾ ھوندو،
ڇڏيو ٽا پوءِ وجن يارو دل وارا سجائي ۾.

ڪري ھِت ٽاٽ ٽو ھر ڪو ھلي ھفتو فقط پھريون،
پَون پوءِ ٽيو پڌراءِ اچا ڪارا سجائي ۾.

✦ ✦ ✦ ✦

**نوٽ:** ھي نظم ھاسٽل ۾ رھندڙ شاگردن لاءِ لکيو ويو.

## ”محب مشڪي“

ڏنم مُحب مُشڪي.
پيم روح رِسڪي.

وجي پيچ پاٽم،
سچڻ ساڻ سِرڪي.

جھپي دل تہ مِنھنجي،
ويو باز ڦَرڪي.

پرين ٽاھي ٽِرڪڻ،
پيس تنھن ۾ ٽِرڪي.

اٿم ھاڻ ھر ھر
سندي عشق خشڪي.

پيئان روز آئون،
پيو ”جن“ و ”وسڪي“.

ادا عشق واري!،
اها راهه رِسڪي.

چوي ”ٽالپر“ تو،
وڃو يار ڪِسڪي.

## ”اسين عشق وارا“

اسان عشق وارن جي دنيا نرالي.
سڏجون ٿا محبت سندا سڀ موالي.

اسان کي تو گهُرجي نشو نينهن وارو،
نه پينگ جي اسان کي کپي پُر پيالي.

اسان وٽ ته الفت جو آهي خزانو،
اٿئون پر هي ”پاڪيٽ“ پيسن کا خالي.

تڏهن ئي ته محبت کان محروم آهيون،
رڳو ٿا پُلاءَ پيا پچايون خيالي.

اسان مان هتي آهي بيزار هر ڪو،
دنيا مان اسان کي ملي آ نيڪالي.

ڇڏي سڀ دنيا جا ڌنڌا پيا اي يارو!
اسان هاڻ سورن جي ”سروس“ سنڀالي.

ڪڏهن ۔ ڪِل خوشي ۾ ڪڏهن لاڙڪ لاڙيون،
اسين پيار وارا آهيون ته پورالي.

لکيو لڙڪ هاري نظم ”ٽالپر“ آ،
مزاحي مزيدار ۽ پڻ خيالي.

## پورو ٿيو.